
هٿ پڪڙجانءِ
غزل
ـ ڊاڪٽر ونود آسوداڻي

# هَٿُ پَڪِڙجانءِ

## غزلَ



— ڊاڪٽر ونود آسُوداڻي

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Hathu Pakidijain (Lend me Thy Hand)<br>(Collection of Ghazals) |
| Poet | : | Dr. Vinod Asudani |
| Year of Publication: | | 2021 |
| Type Setting | : | Bhagwan Babani<br>B-14, Lakecity Enclave,<br>Sant Hirdaram Nagar, Bhopal<br>Mob: 9893397340 |
| Published & Printed by | : | Narendra Publication<br>R-268, Reshimbarg, Nagpur (MH)<br>Mob: 9371095585, 9822231334<br>Email: narendrapublication@rediffmail.com |
| Poet's Address | : | Dr. Vinod Asudani,<br>45-D, Humu Kalani Square<br>Jari Patika, Nagpur- 440014<br>Mob: 09503143439/ 07028953456<br>Email: asudanivinod@yahoo.com |
| ISBN | : | 978-93-92572-07-4 |
| Price | : | Rs.250/- |

ڊجيٽل ايڊيشن

2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# اَرپڻا

هيءُ غَزلن جو مَجموعو مان پَنهِنجي گُرو

بَرک شاعِر، ڪَهاڻِيڪار ۽ نَقاد

سَدا حيات واسديو موهيءَ

کي اَرپيان ٿو

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناماياري شاعر ۽ محقق **ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ** جي غزلن جو مجموعو **”هٿ پکڙجانءُ“** اوهان اڳيان پيش آهي.

ادبي کيتر ۾ ڪيل شيوائن لاءِ ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ کي اکل ڀارت سِنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا، جئپور پاران 2014 ۾ راشٽريہ پُرسڪار سان نوازيو ويو. 2015 ۾ سندس غزلن جي ڪتاب ”پُڻ-پُڻ“ کي اين.سي.پي.ايس.ايل. جو پنجاهہ هزار روپين جو راشٽريہ ساهتيڪ پُرسڪار ڏنو ويو.

هي ڪتاب 2021ع ۾ نريندرا پبليڪيشن ناگپور، هندستان پاران ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون ڀڳوان ٻاٻاڻي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪلي، مهربانيون ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ جون جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# تعارف

ونود آسوداڻيءَ جو جنم مهاراشٽر جي ناگپور شهر ۾ ٿيو. هوُ شري هرديال ۽ شريمتي لڇمي آسوداڻيءَ جو چوٿون ٻارُ آهي. اُنَ ڀائرن–ڀينرن مان ٽي ڀائر ۽ ٻه ڀينرون ڄائي ڄمر کان نابين (درشٽي هين) آهن. نابينيءَ باوجود ٻالڪپڻي کان ئي پنهنجي لاجواب قابليت جو مظاهرو ڪندا رهيا آهن.

ڏهين درجي بورڊ جي امتحان ۾ 90 سيڪڙو مارڪون کڻي ونودَ ميرٽ لسٽ ۾ سترهون نمبر پراپت ڪيو . اهڙي طرح ڀارت جو اهڙو پهريون نابين هئڻ جو گوَرَو حاصل ڪيائين. بورڊ ۾ ئي ٻارهين درجي ۾ ٻه 78 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪري ڪلا شاخا جي ميرٽ لسٽ ۾ پنجون نمبر حاصل ڪيائين. هڪ ئي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. (انگريزي ساهتيه ) ايم. اي. (اتهاس ) ۽ ايم. اي. (سماج شاستر ) ۾ پهريون نمبر اَچي 3 گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. بي. ايڊ. ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پنجون ۽ پوني وشوودياليه جي. ايس. اي. ٽي. ۾ سموري مهاراشٽر ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائين.

ايترو ئي نه، هن اَناملائي وشووديالیه مان اپلائيڊ سائڪولاجي ۾ ايم. ايس سي ۽ P.G. Diploma in guidance and counselling ڪري پوري ملڪ ۾ پهريون نابين منووگياني بڻجڻ جو شرف حاصل ڪيو. ناگپور يونيورسٽي مان ونود کي انگريزي ساهتيه ۾ ۽ سائيڪولاجيءَ ۾ ٻه پي.ايچ.ڊي. جي اُپاڌي حاصل ٿي آهي. راشٽرڀاشا سمتي پوني مان هندي ساهتيه ۾ 'پنڊت' ۽ وِدرڀ ساهتيه سنگهہ ناگپور مان مراٺي ڀاشا ۾ اسناتڪ جي اُپاڌي ٻه حاصل ڪئي اَٿائين.

کمپيوٽر ۾ سنڌس پسند جو وشيہ رهيو آهي. اِن کيتر ۾ M.Sc (IT) امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري پنهنجي مهارت ڏيکاري اَٿس. گذريل 20 سالن کان اَدب جي کيتر ۾ سَرگرم آهي. هيل تائين سنڌس سنڌيءَ ۾ پنج ڪتاب، جن ۾ چار غزل-سنگرھ آهن، شايع ٿي چُڪا آهن :

1. 'چٽگون-چٽگون '
2. باھ جون پاڙون'
3. پُڻ – پُڻ'
4. 'مان پيي اُتي هئس'

اِن کان علاوه هِڪ هندي غزل سنگرھ 'اڌورا آسمان' سنڌس نندي ڀاءُ راجيش آسوداڻي 'رقيب' سان گڏ پڻ شايع ٿيل آهي.

سنڌس ست ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. جن ۾ "Silent lips" (کهاڻي سنگرھ ) ۽ "Soft corner" (ناول) شامل آهن. هيلتائين ونود آسوداڻيءَ جا سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل 14 ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن.

انڪان سواءِ سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ 600 کان وڌيڪ غزل، گيت ۽ ڪوتائون لکيون اَٿائين. راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ سطح تي 100 کان وڌيڪ رِسرچ پيپر پيش ڪري چُڪو آهي.

گذريل 20 سالن کان اِنساني وسيلن جي وڪاس (HRD) جي کيتر ۾ پنهنجون شيوائون ڏئي رهيو آهي. ڀارت جي جُدا- جُدا شهرن ۾ HRD تي 200 ورڪشاپ ڪيا اَٿائين.

سماجي کيتر ۾ بہ ڪافي سرگرم آهي. گذريل 20 سالن کان نابينن جي ڪلياڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. ونود گهٽين ئي سنستائن سان جُڙيل آهي، جن ۾ خاص آهن—

1. نِديشڪ، Institute for transformation, Nagpur
2. سَنيوجڪ : سنڌو ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ سنستا، ناگپور
3. اَڌيڪش : نَوسَرجن هندي ساهتيہ سنستا، ناگپور
4. اڌيڪش : سنڌي ساهتيہ سڀا، ناگپور
5. لائيف ميمبر : اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سَڀا، جئپور
6. لائيف ميمبر : انڊين سائنس ڪانگريس ڪولڪتہ
7. لائيف ميمبر: آل اِنڊيا سوسائٽي فار ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، دهلي
8. راشٽريہ ڪاريہ ڪارٽي سدسيہ : 'سَڪشم' (دوياڱن جي سروانگيڻ وڪاس لاءِ سويم سيوي سنگٽن)
9. جنرل سيڪريٽري : بلائينڊ گريجوئيٽ فورم آف اِنڊيا
10. اڌيڪش : نيشنل آرگنائزيشن فار دي انٽيگريشن آف دي بلائنڊس

غير معمولي تعليم، اَدبي ۽ سماجي ڪمن سبب سندس نالو ڪيترن ئي راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ پبلڪيشنس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اَنهن مان خاص آهن :—

1. لمڪا بُوڪ آف رڪارڊس (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
2. هوُ اِز هوُ آف مين ائنڊ وومن آف ڊسٽنڪشن (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
3. فائيو ٿائوزينڊ ليڊرس آف دي ورلڊ ( امريڪا مان شايع ٿيندڙ)

4. آئوٽ اسٽينڊنگ پيپلس آف ٽوينٽيٿ سينچري (ڪيمبرج، برٽين مان شايع ٿيندڙ)
5. انٽرنيشنل ڊڪشنري آف انٽيليڪچوئلس (ڪيمبرج، برٽين مان شايع ٿيندڙ)
6. ايشين اميرڪن هوُ اِز هوُ (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
7. ايشين پيسفڪ هوُ اِز هوُ (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
8. ايشين ايڊمائريبل اَچيورس (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
9. ڪيس ڪينبرج، يو. ڪي. پاران 'انٽرنيشنل مئن آف دي ملينيم' پُرسڪار سان 2001 ۾ نوازيو ويو
10. ساماجڪ ۽ سانسڪرتڪ سنسٿا 'چوڪٽ' پاران 2001 ۾ "ناگپور رتن" جي اُپاڌي ڏني وئي.
11. سنڌو مُڪتي سنگٺن پاران 'سنڌو رتن' اعزاز سان نوازيو ويو.
12. 2016 ۾ يونيورسٽي آف سائوٿ اميرڪا پاران ڪيس D.Litt جي مانَد اُپاڌي ڏئي سمانت ڪيو ويو.

ونود جي شخصيت گھڻ-ڪُنڊائي آهي. ڪيس ساهتيہ، سنگيت، شطرنج، ڪرڪيٽ، منووگيان، درشن شاستر، راڄنيتي، سماج سيوا، تعليم، نابينن جو ڪلياڻ، وگيان وغيره ۾ گھِري دلچسپي آهي. هن وقت ناگپور جي رامديو بابا ڪاليج آف انجينئرنگ اينڊ مئنيجمينٽ ۾ مانوشاستر کاتي ۾ ايسوسئيٽ پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ جي روپ ۾ شيوائون ڏئي رهيو آهي.

ونود آسوداڻيءَ جي سنڌي غزلن جي مجموئي "باھ جون پاڙون" کي ڀارتيہ ڀاشا پريشد ڪولڪتہ پاران 2012 ۾ يُوا پُرسڪار عطا ڪيو ويو. تعليمي

کيتر ۾ کيل سرگرمين تي کيس سَن رائيز پيس فائونڊيشن پاران ’يوگي منوهر شِڪشا رتن‘ اَوارڊ سان سنمانت ڪيو ويو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا، جئپور پاران اَدبي کيتر ۾ کيل شيوائن لاءِ کيس 2014 ۾ راشٽريہ پرسڪار سان نوازيو ويو. 2015 ۾ ’پڙ – پڙ‘ ڪتاب تي NCPSL جو 50,000 روپيہ جو راشٽريہ ساهتيڪار پُرسڪار ڏنو ويو. 5 سيپٽيمبر 2015 تي R.T.M ناگپور يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ کي ’بيسٽ ٽيچر رائٽر اَوارڊ‘ سان نوازيو ويو.

ونود جي هندي ساهتيہ ۾ يوگدان واسطي راشٽرڀاشا پرچار سمتي ورڌا جي دهليءَ ۾ ٿيل ڊائمنڊ جبلي جلسي ۾ ڀارت سرڪار جي اُن وقت جي هوم منسٽر شري سشيل ڪمار شندي سندس ستڪار ڪيو.

ونود آسوداڻيءَ گهڻن ئي سنڌي ڪتابن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. انهن مان هيٺ ڄاڻايل ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن:

1. سائلينٽ پاٿ – وينا شرنگيءَ جون سنڌي ڪوتائون
2. دئٽ وَن مومينٽ – واسديو موهيءَ جون سنڌي ڪهاڻيون
3. ’ چيڪ بُوڪ اينڊ ادر سٽوريز‘ – واسديو موهيءَ جون ڪهاڻيون
4. ’سائلڊ سن‘ – اَرجن حاسد جو غزل سنگره
5. ’ ايڪو آف مومينٽ‘ – هري دلگير جو ڪوتا سنگره
6. ’دي لاسٽ وِش ائنڊ اَدر اِسٽوريز‘ – وينا شرنگي جون ڪهاڻيون
7. ’اِسٽوري آف ورڊ‘ – نَند جَويريءَ جو ڪوتا سنگره

ونود آسوداڻي مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي، نئي دهليءَ جي سنڌي ايڊوائزري بورڊ تي بطور ميمبر جنوري 2013 کان ڊسمبر 2017 تائين نامزد رهيو. اِن کان سواءِ هو مهاراشٽر سنڌي اَڪادميءَ جو پڻ ميمبر رهيو آهي.

# مهاڳ

مونکي پنهنجي غزلن جو هيءُ پنجون مجموعو پاٺڪن جي هٿن ۾ ڏيندي تمام گهڻي خوشيءَ جو اَحساس ٿي رهيو آهي. هن کان پهرين ’چٽگون–چٽگون‘(2003)، ’باھ جون پاڙون‘ (2004)، ’پُڻ–پُڻ‘ (2012)، ۽ ’مان پيِ اُتي هئس‘ (2016) کي پاٺڪن جو ڀرپور پيار حاصل ٿيو آهي. اُميد ته هيءُ مجموعو پڻ پسند پوندو.

ڪي شخص مڃيندا آهن ته ’غزل‘ شاعريءَ جي سڀ کان سَولي صِنفَ آهي. ڪرڻو ئي ڇا آهي ! رَديف، قافيو ڪٺي ڪو به خيال اُن ۾ لکي وڃي ته غزل تيار ٿي ويو. پر مُنهنجو مَڃڻ آهي ته غزل رَديفَ ۽ قافيي جي راندِ نه آهي. اِها ڳالھ ٺيڪ آهي ته غزل تي ڪنهن به موضوع جي پابندي ناهي، پر انهي جو مطلب بلڪل اهو نه ڪڍڻ کپي ته ڪنهن به خيال کي رَديف ۽ قافيي ۾ فِٽ ڪري وڃي ته غزل جو شعر تيار ٿي ويو.

مان اهو مڃان ٿو ته غزل شاعريءَ جي سڀ کان ڏُکي صِنفَ آهي. رَديف قافيو ته غزل جي صرف ٻاهرين چمڙي آهي. غزل جو روحُ ته آهي ’خيال‘: ۽ غزل جي روحَ کي جيڪو سؤندريه پراپت ٿئي ٿو اهو ’جماليات‘ سان پراپت ٿئي ٿو. تنهنڪري غزل ۾ نه رڳو خيال پر احساس جي سو ڪيمتا ۽ جَماليات جو پُٽ پڻ هئڻ ضروري آهي. مون هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي آهي ته غزلن ۾ احساس،

خيال ۾ جماليات پاڙ ۾ هِڪُ ٿي هِڪُ يونِٽ بڻجي اَسانجي سامهون اَچي سَگهن. هونءَ ته اج جي دؤر ۾ پڻ روايتي غزل، ترقي پسند غزل، جديد غزل لکيو پيو وڃي، پر ايڪويهين صَدي بعد جَديديت جي صَدي آهي. اج اَسانجي زندگي گهڻن ئي طريقن سان بدلجي وئي آهي. ٽيڪنالاجيءَ جو اثر ايترو ته ٿي ويو آهي جو اِنساني جذبا، اِنساني اَحساس، اِنساني رشتا ڇڻ ته ڪوڪلا ٿيندا پيا وڃن. ائين پيو لڳي ڇڻ ڪانچَ جي ڇيهون ڇيهون ٿيل ڪنهن پيچري تان اَسان سَڀُ اَنڌيري ۾ بنا هڪ ٻئي ڪي ڄاڻندي سُڃاڻندي، بنا هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي ۽ بنا هڪ ٻئي جي آواز ڪي جهٽيندي اَلائي ڪهڙي منزل ڏانهن سفر ڪري رهيا آهيون. بعد جديديت جي اَهڙي پيڙا، اَهڙو دَردُ، اَهڙي اَڪيلائي اَسان سڀني جي آسپاس اَدِرشيه روپ ۾ مؤجود آهي. اَسان ساهُ ڇو ٿا کڻُون ڪيستائين کڻنداسين، ڪنهنکي پيار ڪيون ٿا، ڪنهن سان نفرت ڪيون ٿا، ڇا صحيح آهي، ڇا غلط آهي، اهي سڀ مُلهه، اج ائين ٿو لڳي ته ڇُور–ڇُور ۽ ڇيهون–ڇيهون ٿي پيا آهن. ان حالت ۾ به پنهنجي دِل، ذهن ڪي قابوءَ ۾ رکندي ڪنهن احساس ڪي جماليات سان جهٽي، غزل جي ڪنهن شعر ۾ قلم بند ڪرڻ ڪنهن به شاعر لاءِ هڪ وڏي چُنؤتي آهي. مون پوري ڪوشش ڪئي آهي ته بعد–جديديت جي انهن احساسن ڪي، ان سنويدنا ڪي پنهنجي غزل ۾ آڻي سَگهان. ٻي ڳالهه اِها ته مان اَرجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ جي غزل کان متاثر رهيو آهيان. اَسانجي ٻنهي اُستادن غزل کي پيار، وفا، بيوفائيءَ جي دائرن کان ٻاهر ڪڍي هڪڙو اِنتيليڪچوئل رنگ بخشيو آهي ته غزل ۾ خيال جي اونهائي هئڻ تمام ضروري آهي. واسديو موهيءَ رديف جي نواڻ تي پڻ زور ڏنو آهي ۽ مون هن مجموعي ۾ شامل گهڻي قدر غزلن ۾ نَوان رَديف آڻڻ

جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. رَديف جي نئين هئڻ سان خيال ۾ پڻ تازگي اَچي وڃي ٿي. مان مَڃان ٿو تہ منهنجا غزل گهَڻ–ڪُنڊا آهن، يعنيٰ منهنجي شعرن ۾ خيال گهڻ–ڪُنڊا آهن. هڪ ئي وقت خيال گهڻن ئي سطحن تي الڳ الڳ طريقن سان سفر ڪري ٿو، تنهنڪري پاٺڪ کي ڪٿي ڪٿي شعر جي معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ گهڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي. ٻي ڳالهہ اها تہ ڪا بہ هڪڙي مقرر معنيٰ غزل جي شعر ۾ ناهي. هر هڪ شعر الڳ الڳ معنائون، جُدا جُدا پاٺڪن تائين پهچائي ٿو. جيترو شعر جي گَهرائيءَ ۾ ويندا سين، اوترين ئي وڌيڪ معنائون، اوتريون ئي گوناگون معنائون اَسان جهَڙي سَگهنداسين. منهنجو مڃڻ آهي تہ شاعري هڪ Open Ended فارمولو آهي. ائين چئجي تہ هڪ هڪ شعر پاڻ ۾ هڪ هڪ فارمولو آهي. اُن فارمولي کي سمجهي اَسان زندگيءَ جي الڳ الڳ مسئلن، الڳ الڳ حالتن کي سمجهي ۽ ماڻي سگهون ٿا. تنهنڪري ڪا بہ هڪڙي مقرر معنيٰ شعر ۾ ڳولهڻ اَجائي آهي. اصلي ڪسوٽي تہ پاٺڪ آهي. پاٺڪن کي اگر منهنجو هيءُ مجموعو پسند پئجي ويو تہ مان مڃيندس تہ مونکي سڀني کان

وڏو انعام حاصل ٿي ويو.

ذهن ۾ ڪو خيال اچڻ کان وٺي ڪتابي روپ ۾ غزل پاٺڪن تائين پهچڻ هڪ تمام ڊگهو سفر آهي. ان ۾ گهڻن ئي جو سهڪار درڪار ٿئي ٿو. سڀني کان پهرين مان سَدا حيات پنهنجي ماتا شريمتي لڪشمي ديوي آسوداڻي ۽ سدا حيات منهنجي پتا شري هرديالداس آسوداڻيءَ کي ياد ڪرڻ چاهيندس. انهن ننڍپڻ کان وٺي منهنجي من ۾ پڙهڻ لکڻ جو شوق پيدا ڪيو ۽ ڏيري

ڏيري مون شاعريءَ ڏانهن رُخ ڪيو. منهنجو ميڻ آهي تہ اَڄ مان جيڪو ڪجهہ لکي سگهيو آهيان اهو منهنجي ماتا ۽ پتا جي آسيس آهي. پڙهڻ لاءِ ۽ شاعري ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت گهُربل هوندو آهي. مان هتي پنهنجي ڌرم پتني آرتي، ڌيءُ آستا ۽ پُٽ وِنَيہ جا پڻ ٿورا ميڻ چاهيان ٿو تہ هُنن مونکي گهر جي نندين وڏين ذميوارين کان آجو ڪيو تہ مان پنهنجو ڌيان پڙهڻ لکڻ تي لڳائي سَگهان. اگر هو ائين نہ ڪن ها تہ منهنجي لاءِ شاعري ڪرڻ شايد ممڪن نہ هُجي ها. مان پنهنجي نندي ڀاءُ، جيڪو خود هڪ سُٺو شاعر آهي، راجيش آسوداڻي 'رقيب' کي پڻ ڌنيواد ڏيڻ چاهيان ٿو تہ هن منهنجا غزل وقت بہ وقت ٻُڌي پنهنجا قيمتي رايا مونکي ڏنا. هتي مان پنهنجي عزيز دوست ڀڳوان ٻاٻاڻيءَ جو پڻ تهہ دِل سان شڪريہ ڪرڻ چاهيان ٿو تہ هن پنهنجي مصروف زندگيءَ مان وقت ڪڍي منهنجي هن ڪتاب جي مئنيو اسڪرپٽ تيار ڪري، ڪتاب جي ٽائيپنگ، ڪمپوزنگ ۽ ڪَوَر ڊزائين ڪئي آهي ۽ پنهنجا قيمتي رايا پڻ ڏنا آهن.

ناري لچواڻي صاحب سنڌيءَ جا ناميارا شاعر آهن. ڪين شاعريءَ جي تمام سُٺي سَمجهہ آهي. مُنهنجي نماڻي وينتيءَ تي هُنن وَقتَ مان وَقتُ ڪَڍي هِن مَجموعي کي پنهنجي عالماڻي نَظر مان ڪڍيو آهي. جيڪي بہ زيرُون، زَبرُون، خيال، وَزَن جون ڪَميون پيشيون غزلن ۾ هُيون، اُهي دُرست ڪري هِن مَجموعي کي پَڙهندَڙن تائِين پَهُچائڻ جي لائق بَڻايو آهي.اِن قُرب ڀَرئي سَهڪارَ لاءِ مان ڪين دِل سان شُڪرانہ ڇَوڻُ چاهِيان ٿو. ناري لچواڻي صاحب مُنهِنجا عَزيز دوستَ آهن. مُنهِنجي سَيني مَجموعَن کي هُنن پَنهِنجي نظر مان

ڪَڏي هميشه ئي پَنهِنجا قِيمتِي رايا ڏِنا آهن ۽ مُنهِنجي شاعريءَ کي وَڏيڪ معياري بَڻايو آهي.

آخر ۾ مان پنهنجي پبلشر ۽ اُنهن سيني دوستن، جن سِڌي اڻسِڌي روپ ۾ هن مجموعي کي تيار ڪرڻ ۾ پنهنجي مدد يا پنهنجا رايا ڏنا آهن، انهن سيني جو پڻ ڌنيواد ڪرڻ چاهيان ٿو.

—ڊا. ونود آسوداڻي
3 سيپٽيمبر 2021

## 1

نَوان پُراڻا سيئي رشتا ساڙي اَڇُ
خود سان پڻ تون سڀ لاڳاپا ساڙي اَڇُ

سار لھان مان ڪنھنجي ڪنھنجي ڪٿن آخر ؟
درد، خوشيون ۽ ڳڻتيون، اوجاڳا ساڙي اَڇُ

پڙھ تون ۽ پل پڙھ، پر ڇا پڙھجي ؟ سوچ ذرا
پرمائڻ وارا سڀ پوٿا ساڙي اَڇُ

آزاديءَ جي جنگ اڃا پيي جاري آ
ماضيءَ جا پاروٿا نعرا ساڙي اَڇُ

پياس لڳي تس پاڻي گھُرجي اَبھم ڪي
گنگاجل، آب زمزم ڇا! ساڙي اَڇُ

قير ۾ قاتل لِيڪُن جي ڪيسين رھبو
رنگ رنگيلا ڪاڳر، نقشا ساڙي اَڇُ

راند نئين اَھڙي ڪا يارو گڏجي ڪيڏيُون
ھار جيت جا سڀ پئمانا ساڙي اَڇُ

## 2

ايندي ويندي مِلبو اُس ۾
جيون سارو ڪَٽبو اُس ۾

طوفان ڪٽي ويا ڇت گهر جي
بيپرواه ٿي رَهبو اُس ۾

چانڊوڪيءَ جا قِصا ناهِن
افسانو ڪو لِکبو اُس ۾

واٽُن تي وڻ ؟، ڳالهه پُراڻي
منزل تائين هَلبو اُس ۾

پگهر وَهي يا پياس لڳي، تہ بہ
هَٿُ تُنهنجو ڪِئن ڇَڏِبو اُس ۾

چانڊوڪي راتيُن خوُبُ ٺڳيو
هر سُپني ڪان بَچِبو اُس ۾

## 3

کيترا قيد اِتهاسَ ڪَمري اَندر
روح ڪي، ڪي هَڏا، ماسَ ڪَمري اَندر

خواب سُهڻا، تمنا جوانْ ٿي جتي
ڏُپ سرهاڻ ۽ واسَ ڪَمري اَندر

ڇا ڪَيان سَمُنڊُ مان ، ڇا ڪَيان مان نَديُون
ساٿُ تُنهِنجو ٻُجهي پياسَ ڪَمري اَندر

چَنڊ ،سُورج ،سِتارا ڏِسان سَڀُ هِتي
تو ڇُهان ڪوڙ آڪاسَ ڪَمري اَندر

وَرهيہ گُذريا مگر ڪونَ آئين پِرين
ڪِئن ڪَٽيان سوچ بنواسَ ڪَمري اَندر

ڪون ڪَنهِن گرنٿَ مون تي اَثر آ ڪَيو
چَپَ چُريا هُن جا اَرداسَ ڪَمري اَندر

چَنڊُ نِڪري اگڻ ۾ ڏِيان اَرڳُ مان
مون رَکيا ڏاڍا اُپواسَ ڪَمري اَندر

بي ڏَپا تا گهُمَن ڳوٺَ ۾، شَهر ۾
شَل ٿِيَن قيدِ راڪاسَ ڪَمري اَندر

ڏارُون ڏارُون گهِٽيون، ڇِيهُون ڇِيهُون ڇِتيون
قَتلَ ٿيا روزُ وِشواسَ ڪَمري اَندر

سِنڌُ، سِنڌي ، اَدبُ، شاهُ، سامي، سَچَلُ
تا ڪَيون ڏاڍي بَڪواسَ ڪَمري اَندر

## 4

تو وَٽِ پَل سَمُنڊُ سَمورو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي
لَهَندڙَ سِجَ جو هِڪُ ڪِرڻو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

سَچايون تُنهنجن اَکڙيُن ۾ مَحفوظ رَهن
پَکِڙُل ٿُڪُل ئي ڪو سُپنو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

شِو شنڪرَ ! رَهن پَريلَ پَندارَ اَوهان جا
پاروُتي روَتِيءَ جو ٽُڪرو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

ڪوئِل جي ڪوُڪوُ، گُل، خوشبوُ ۽ گُلشَن تو وَٽِ
ريتِ تَتَلَ ۾ سَناٽو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

مُرڪَ مِٺي، مَستي ۽ ماڻا ۽ ڳَهِڻا تُنهنجا
ڪو غمُ، ڪا پيڙا، صَدمو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

چَنڊُ اَوهانجو، سَمُنڊُ اَوهانجو، ڪَڪَر اَوهانجا
پياس ذَري، خالي مَٽڪو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

رَنگ رَنگيلو شهر سڄو تو وَٽِ، ڳوٺُ چَوي
ٻَڙَ جو وَڻُ، هِڪڙو پوڙهو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

شاهُ پَڙهان پَر سَمجهي ڪونَ سَگهان بيتَ سَندس
لِيڙون لِيڙون ئي وَرثو مون وَٽِ ڪُجھ نَہ هُجي

## 5

هِنَ دِل جي توسان ڳالھ ڪَبِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن
اَگر ڪَڏھِن تَنھا ڪُندَ مِلِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن
اَڄُ تہ پُراڻَن زَخمَن جو ذڪرُ ڪَرڻُ ڏي
پَڪ تو ڪان وَڻِبي مَلمَ ذَرِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن

قَرضُ اِلاھي دَردَن جو آھي مون تي
توسان وَندِبي ڪا نَقَد خوشِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن

اَڄُ ڪا سُھڻِي ساعِتَ مون سان گھارِ ڪٽي
آڻتُ، 'تو لءِ آ عُمر سَڄِي'، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن

اُس مَٽي تي ، پيرن ھيٺان ريتِ تَتَلَ
ٻُولھي لَھنداسِين ڇانوَ تَڏِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن

اَڄُ تہ پِرولي ڪا ڏُکي پَڇوُن، ڪُجھ سوچيوُن
ھَٿُ ھَٿَ ۾، ياڪُرُ، مُرڪَ، چُمِي، ٻِئي ڪَنھِن ڏِينھُن

## 6

رابطو زِندَگيءَ سان رَکي، ضِدُ ڪَري
ٽورڙو روزُ جيئڙو رَهي، ضِدُ ڪَري

ڪِئن سَپن جو چَوي هوُ ڀَلا داستانْ
هِڪَ گهَڙي، اَڌ گهَڙي ٽي مِلي، ضِدُ ڪَري

سُپنا ٽيا واري واري حَقيقَتَ اِها
حَسرتُون ۾ خوابَ ڪي هو ڏِسي، ضِدُ ڪَري

ٻارَ جي ڳالهِ هيءَ، سَمجهُہ ٿوري اَدا
ڪو ڀَڳل ٿي ڪِلونو ڪپي، ضِدُ ڪَري

سِنڌُ ۾ سِنڌُو درياهہ ۾ اَسان ڇو هِتي ؟
سِنڌُو درياهہ اَندرَ ۾ لُڇي، ضِدُ ڪَري

## 7

یادِ ڪَنھنجيِ اَچي جي اَويلي
زَخمُ جھوُنو جھُري جي اَويلي

پَرچو مُنھِنجي دَوا جو گُمر تي ويو
چا ڪَجي دَردُ تي جي اَويلي

پاڻَ کي پاڻَ پڻ سُجاڻي ڪيئن ؟
بعدِ عَرصي ڏِسي جي اَويلي

هوُ بہ مون جيان لَڳي سَتايَل تو
تو ڪِلي ۽ رُئي جي اَويلي

ڪو ڏِئو مون ڪڏھن وِسايو ڪونَ
هوُ گھِڙيِ گھَر اَچي جي اَويلي

هِنَ زَماني جا ڪَمَ ڪُتن ئي نَتا
پيارُ ڪوئي ڪَري جي اَويلي

راتِ ساري اِئن اَکيُن ۾ ڪَٽيان
ڪو مَتان سَڏُ ڏِئي جي اَويلي

مونکي تو تي پِرين يَقين آ
ساهہ نڪري پوي جي اَويلي

## 8

پيارُ توسان ڪَيو زِندَگيِ تو نَڀيو
ڏوهُہ ڪَنهِن ڪي ڏيان، چئہ چَريِ تو نَڀيو

چَندِ، تارا، ڏِئا بي وَفا، بي حَيا
ڇا اَنڌيرَن ڪَيو، روشنيِ تو نَڀيو

سَنتَ، دَرويشَ، سادُو، رِشي ۽ مُني
ٿي پيا سَڀُ چَريا، ڇوڪريِ تو نَڀيو

سارَ تُنهِنجي لَڌِيسِين سَدائين گهَٽيِ
بي حَيا نَقد جيِ ڳوٺريِ تو نَڀيو

ساهَ ۾، روحَ ۾ تاتِ تُنهِنجي پِرين
مُشڪَ، پاڪيِ، چُميِ، تِشنگيِ تو نَڀيو

ڳالھ تُنھنجي مَجي، تات تُنھنجي ڇڏي
تون اِها ڳالھ رَکجان ڳُجھي تو تَڳيو

## 9

خود تان پڻ ويسھ ڏُڏي پَوي وِچ وِچ ۾
دِل جي ڌَڪ ڌَڪ پڻ بيھي وَڃي وِچ وِچ ۾

گڊمَڊ گڊمَڊ مُنھنجو اَفسانو آھي
هِڪَ اَڌ سِٽ شايد سِڌي مِلي وِچ وِچ ۾

اوُساتَ اِها بَرپَٽ جي قِسمَتَ مُنھنجي
کيئن مان آسَ ڇڏيان بوُندِ کَپي وِچ وِچ ۾

اَڪِ مَنزِل تي، سَڀُ ڪجھُ پايان وِسري ويو
کَنڊُ وَرائي تَہ بہ ، لُڙڪَ اُگھي وِچ وِچ ۾

مَجبوُر پَکي ويڳاڻو ويٺو آھي
ڏينھَن سَڄي ۾ ھوُ ذَرا اُڏي وِچ وِچ ۾

چادَر پيرَن جي برابَر ڪينَ ڪڏھن ٿي
هَر سُپنو خود ڏي ذَرا ڇِڪي وِچ وِچ ۾

## 10

روشني آهي، پَر روشنيءَ پَر پَرو
چَنڊ تارا هِتي، چانڊنيءَ پَر پَرو

اُجَ، بَرپَٽَ مِثَل ڪيئَن مِٽي ۾ ڪِتي ؟
ڏِسُ مِلي آ سُڪَلَ هِڪَ نَديءَ پَر پَرو

چانوَ، بادَل، ٿَڌي هيرَ، اَحساسِ ٿيو
بوندِ هَڪَ اَڌ وَسي سا وَسيءَ پَر پَرو

دوستي ، نيِنهُن، اُلفَتَ، وَفا ... چُٽڪُلا !
مون تہ آهي ڏِٺي زِندَگيءَ پَر پَرو

چَنڊَ تي مون ڏِٺو خُونَ جو داڳُ هِڪُ
بي گُناهيءَ جڏهن قَتل ٿيءَ پَر پَرو

خوابُ ڇا، آسَ ڇا، ڇا اُميدُون ڪيان ؟
بيوسي ساڻُ آ، بيڪَسيءَ پَر پَرو

آنءُ مِسڪينُ مون وَٽِ رُڳو سو ڪِڙي
مُرڪَ، پاڪُر، چُميءَ، هَلُ چَريءَ پَر پَرو

## 11

ذهن ۾ ٿوري روشني رکجي
ياد سهڻيءَ جي ڪا ذَري رکجي

جي ڪڏهن مرڪ هڪ ملي مونکي
گروي هُن وَٽِ هيءَ زندگي رکجي

ڏوهه مونکي قبول آهن سڀ
هُن جو هَٿُ هَٿَ ۾ مانڙي رکجي

مُرڪَ، ياڪُر، چُمي، ڇُهاءُ پرين
قيمتي ڪا تہَ سوکڙي رکجي

چنڊ، تارا، پرين ملن نہ ملن
سوچَ پنهنجي تہَ ويڪري رکجي

هن زماني ۾ مَشڪري ڏاڍي
درد سان ٿوري دوستي رکجي

راهہ اونداهي، ماڳ اونداهو
پنهنجي اکڙين ۾ چانڊني رکجي

## 12

باھ لڳل آ پيٽ ۾ جگر ۾
عُمر گُري تي اِن ٻُڏ تر ۾

اَڱڻ ڪتي ۽ اوطاق ڪتي ؟
ساھ مُنجھي ٿو پنھنجي گھر ۾

ڇاٽا ٿو تون منزل آھين
من مُنھنجو جي منجھي سفر ۾ ؟

ماڙيءَ تي پل ماڙي ڇاڙھيو
بابو وِھندو ھئو پڌر ۾

سوچَ وڏي رَڪُ سُڪرات جيان
ڪونھي ڪوئي اَثر زھر ۾

اکر اکر تي مُنجھي پوان ٿو
شاھ پَڙھيو سڀ ۾ الف اکر ۾

ڇانوَ اَمان جي آنچل جي آ
ڪون بچيو آ شَجَرُ شھر ۾

## 13

زلزلا روز آهن سَهي ڪيترو
پاڻ تي ۽ ٻين تي رُئي ڪيترو

منزلون دور ٿينديون رهيون زندگي
ڊوڙ پائي ٻہ آخر ڊڪي ڪيترو

ڪا سَٺائي گھڙي شال هُن لءِ اَچي
زندگي روز تو لءِ سِڪي ڪيترو

ٿي هَوا حسرتون سڀ اُڏامي وَيون
هو سنڀالي شيون پڻ رکي ڪيترو

ڪا سدا، ڪا عبادت نہ واپس وري
بس پڙاڏو پرين ، هو سڏي ڪيترو

سَمندَ تو وَٽِ، ندي، ڍَنڍَ تو وَٽِ پرين
پياس سانديي پلا ڪو رکي ڪيترو

ياد تنهنجي پرين، سار تنهنجي پرين
ٿورڙو گھاءُ آهي کُري ڪيترو

## 14

ڪڏهن ڪڏهن هُن سان ملبو هلندي چلندي
بس مشڪي اڳتي وَڌبو هلندي چلندي

اُس، ڇانوَ ۾ ساٿُ ڏِيڻُ سؤلو آهي
ڪي پَل هٿ ۾ هٿ جهلبو هلندي چلندي

قطرو قطرو اُڃ اکين ۾ سانديِي آ
چند گهڙيون هُن ڏي ڏِسبو هلندي چلندي

ساٿُ سڄڻ جو، سُرهاڻ سفر ۾، ڦهلي آ
سُهڻو هِڪ سپنو پَسبو هلندي چلندي

ڪُندَ وَڃِي ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ وقت ڪٿي
لُڙڪ لِڪي اک مان اُگهبو هلندي چلندي

عُمر سَڄي اوسيڙي ۾ وهڻ ڏکيو آ
مضمون وفا جو لِکبو هلندي چلندي

پَل پَل پيڙا جو پرلاءُ پُڪارَ پِرين
نانءُ اوهانجي سپ سَهِبو هلندي چلندي .

## 15

ڏکيايُون کي اَهڙيون هونديون

تنگ گھٽيُن جيان سوڙهيون هونديون

يادوُن مُنهنجيون روز اڱڻ ۾

ديپڪ ٻٽجي ٻرنديون هونديون

ڳالهيون مُنهنجيون هُن جي دل ۾

ڇم ڇم ڇم ڇم وڄنديون هونديون

خوشبو هُن جي، گهر جي خوشبو

ڪونجون گهر ڏي ورنديون هونديون

ڪِنَ ۾ سارِي پياس ٻُجهائِن

جادوُ ئي، سي اکڙيون هونديون

ڪون ٻُڌو ڪنهن، ڳالهه اَجائي

چيخون هُن جون ٻوڙيون هونديون

سوچِ ذرا اَمان جون اَکڙيون

اوسيڙي ۾ ويٺيون هونديون

ٻاراٽيون جي ڇڏيئه وِساري

ياد اَمڙ جي، سوگهيون هونديون

دل ڏارينڊڙ گڏجاڻيون سي
بعد وَرهيَن جي ٿينديون هونديون

لُڙڪن جي اونهي درياهہ ۾
اُميدون ڪي ترنديون هونديون

## 16

محبت  سان اچي تو هٿ جهَليو هو، سچ لڳو هو
تو پر ۾ ويهي هوريان ڇو ڪليو هو؟ سچ لڳو هو

حقيقت آ خوشي ۽ زندگي سوغات سُهڻي
تو پنهنجي هٿ سان هِڪ ٽڏڙو ڪڍيو هو، سچ لڳو هو

هو سانجهيءَ جو سَمو ۽ هير پڻ پياري لڳي پي
کُلهي تي تو اسانجي سِر رکيو هو، سچ لڳو هو

مُئل حسرت وري جاڳي پئي دل ۾ جيئڻ جي
ٻئي ڪمري ۾ تو هوريان ڪليو هو، سچ لڳو هو

محوبت، مرڪ، ماڻا آنءُ ڇا ڄاڻا سبق سي
جو مون درسي ڪتابن ۾ پڙهيو هو، سچ لڳو هو

ٻُڌايو بيوفائيءَ جا اوهين پل قصا هن جي
جڏهن هو موڪلائڻ تي ڇُليو هو، سچ لڳو هو

ڇپن تي مُرڪ اَمان جي اُها ساڳي ڏِٺي اَڄُ
مون فوَٽِو پت تي اَمان جو ٽنگيو هو، سچ لڳو هو .

## 17

ڪڏهن مان جي خود ڪان ڊِڄان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ
اَگر بي وَجَهه ئي روئان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڪڏهن وَڏ ڦُڙي مينهن ۾ ڪَڪَر پويان
جي پيري اُگهاڙي ڊُڪان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڪڏهن زندگيءَ جي ڦِڏَن پيچرن تي
پِرين تو ڪان وِڇڙي وَڃان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

سِتارن جي محفل مان اَڌ رات جو مان
جي غمگين موَٽِي اَچان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

وَڃان ٿو خُدا وَٽِ مگر ياد رَکُ تون
جي خالي هٿين مان وَران، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

اُجالا اکين ۾ ڪٽي سَڏُ ڪجان تون
جي اوندهه ۾ ڀٽڪي پوان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڀروسو رهيو ڪاروان تي ڪڏهن ڪونہ
اڪيلو ڇڏي ڪاروان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڇڏائي وَڃن هَٿُ سِتارا ۽ سِجُ، چَنڊُ
انڌيرن ۾ پڻ جي سَگهان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڪَيَل قؤل سارا رَکِج ياد مُنهنجا
ڪڏهن قؤلُ ڪو جي ڀَڃان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

گهِٽيون ور وڪَڙ زندگيءَ جون لتاڙي
جڏهن تُنهنجي ٻر مان لَنگهان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

اچان بي خوديءَ ۾ جڏهن سِنڌوءَ ڪپ تي
سَچل، شاهُ ٻڌجي اَمان!، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

اَجا آس باقي اِها زندگيءَ ۾
ڪڏهن اَجنبيءَ جيان مِلان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

نہ ٿاريءَ، نہ وَڻَ جو ئي ڪو ڏوهُ آهي
سُڪَلُ گُل جي ٻَڌجي ڇڻان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

ڪڏهن ذهن ڪان ڪم، ڪڏهن دل ڪان ورتو
جڏهن ڪين ڪنهنجي مَڃان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

تَصَوُر آ تُنهنجو، پِرين تاتِ تُنهنجي
جڏهن ساهُ اَنتِم ڪڍان، هَٿُ پَڪِڙجانءِ

## 18

وَري ساڳي دُنيا بَڻايوُن اڱڻ ۾
گهڙيون ٽورڙيون گڏُ گذاريوُن اڱڻ ۾

اَجا ياد آهي اُهو ٻالپڻُ، يارَ !
هلي آ، لغڙ ڪو اُڏايوُن اڱڻ ۾

ڪٽي ٻيڙي ڪاڳَر جي هڪ ٻئي جي پويان
وري پاڻُ مينهَن ۾ پِسايوُن اڱڻ ۾

لَهي چندُ آيو اڱڻَ ۾ ستارا
لڪي هڪ ٻِئي ڏي نِهاريوُن اڱڻ ۾

اُنهاري جي گرميءَ ۾ بابا اَمان جي
ڪَري شورُ غُل نِندَ ڦِٽايوُن اڱڻ ۾

لَنگهي ويا وَرهيَہ آنءُ ٻُنيو اُهو ئي
گهٽيون مون ڏٺيون لاهيون چاڙهيوُن اڱڻ ۾

پَڙاڏا اَجا سي فِضائُن ۾ آهن
ڪَيون پيارَ سان جي لَڙايوُن اڱڻ ۾

وڏا گهر ۽ بنگلا ڏِٺا خوبُ آهن
هُيون پَرَ گهَٽيئي سُٺايُون اَڳڻ ۾

ڪراچي ۽ دِلّي، سَکر، ساڌبيلو
سچلُ، شاهُ، سامي ٿا چاهيُون اَڳڻ ۾

سَمايلَ آ سُرهاڻ يادَن ۾ هُن جيِ
اَسان مو گرو ڇو لَڳايُون اَڳڻ ۾

ڪڏهن دالِ چانورَ، ڪڏهن ساڳُ ڍوڍو
اَمان جي هٿن جوُن مِٺايُون اَڳڻ ۾

پَريُن جون ڪَهاڻيون اَمان جي اَدا سان
وَري سُڏڪي سُڏڪي ٻُڌايُون اَڳڻ ۾

ٻُڌون ها اَمان جون ڪي چَوڻِيُون ، وَچَنَ ڪي
گهڙيُون ڇو اَجايُون وِڃايُون اَڳڻ ۾

# 19

ڪري ياد هن کي ٿا ڳوڙها وَهايُون
ائين دل جي ساوَڪَ سُڪڻ کان بَچايُون

ڏِسون شامَ جو روزُ رستو پرِينءَ جو
ڪَيون جي نہ ڪم هي تَہ ڪِئن چَئُن پايُون

مِني مُرڪ هُن جي، مِني لات هُن جي
اَسان سوچَ ۾ ڪِئن پرِين وِڪ وَڏايُون

تَصوُر بِہ تُنهنجو، تنوارون بِہ تُنهنجُون
اَسان پاڻَ کي ڪيئن خود کان ڇَڏايُون

پريشانْ تون ڪَهڙَن سوالن کان آهين
اسان تو کي پنهنجو هميشه ٿا پايُون

## 20

چند سُپنا، ڪي اُميدون دوست تاھڻَ لءِ ڪپن
حُب دل ۾، اَشڪ اک ۾ پيارُ پائڻَ لءِ ڪپن

وقتَ تو ڪي ڪيئن پلا مان ڪو بہ ڏوراپو ڏيان
ڪي صديون، ۽ ڪي تہَ جُڳ خود ڪي سجاڻڻَ لءِ ڪپن

هُن جي خوشبو جن ۾ آهي خَط سي ساڙيان ڪِئن پَلا
ڪي نديون ۽ سمنڊ ٿورا خطڙا ٻوڙڻَ لءِ ڪپن

قطرا هِت هُت گر ڪِريا ها خون جا جي قتل وقت
گونگا ڳوڙها سمنڊ سارا سي مِٽائڻَ لءِ ڪپن

ڄاڻ آهي باھ جا وارث اسين آهيون پرِين
ڪي تہَ چڻنگون، ڪي تہَ ٽانڊا باھ ٻارڻَ لءِ ڪپن

بندگي ڪِئن آنءُ تنهنجي، ڪِئن ڪيان پوڄا پرين ؟
ڪي سوين مَنَ، ڪي هزارين تو تان وارڻَ لءِ ڪپن

سَسئي ٻڌَبَس مان پُنهوءَ لءِ ساھ ڏيندَسِ پڻ پرِين
ڪي تہَ پربت، ڪي تہَ برپٽ، جهنگ جهاڳڻ لءِ ڪپن

## 21

ڪا چوَٽ لڳي تہ غزل لکجي

ڪو گھاءُ پچي تہ غزل لکجي

گُل، گلشن جا قصا ڇا جا ؟

ڪو خار چُڀي تہ غزل لکجي

مان بہ حقيقت ڄاڻان ٿو يار

ڪو خواب ٽُٽي تہ غزل لکجي

هاڻي خود ڏي وَرجي واپس

ڪو ماڳ ملي تہ غزل لکجي

سناٽو ئي سناٽو آ

آواز ٻُڌجھي تہ غزل لکجي

مُرڪ ڇپن تي تازي تازي

ڪو لُڙڪُ ڳڙي تہ غزل لکجي

وَڻ هيئان ويھي ڇا ٿيندو

ڪو پَنُ ڇڻي تہ غزل لکجي

ڪا سَسَئي، مومل يا نُوري

جي نظر اَچي تہ غزل لکجي

ڇُھنبَ تِکي ڪنھن ڪنھن جذبي جي

جي هيانءُ ڇِلي تہ غزل لکجي

ڪو پنهنجو ڪو ڏاريو آهي
هر پيد مِٽي تہ غزل لکجي
مُئل مُئل سَڀُ جذبا آهن
ڪو ساهُ کڻي تہ غزل لکجي
آلاڻ اکين ۾ ڏاڍي آ
هيءُ سمُندُ سُڪي تہ غزل لکجي
ٽاندا ٽاندا شهر سڄو آ
ڪا باهِ ٻري تہ غزل لکجي
هُن جي اکِ ۾ چا چا ناهي
ڪو رازُ کُلي تہ غزل لکجي
هوءَ دريءَ وَٽِ بيٺي آهي
ڪُجهہ هوشُ اچي تہ غزل لکجي

## 22

لفظ هُئا، اظهارَ هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
تُنهنجا ئي ويچارَ هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
چنڊُ اگَڻ ۾ تارن جي محفل مَتَل هُئي
هر شئہ جا ديدارَ هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
تون بہِ حقيقت ڄاڻين ، مان پڻ واقُف آهيان
سُپنن جا سنسار هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
مندر هو، ڀڳون هو، ڪاشي ۽ ڪابو هو
مُڪتيءَ جا آثارَ هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
خواب وِڪيا، ذهنُ وڪيو، جذبا گِروي آهن
هر شئہ جا بازار هُئي ، شَل تون بہِ هُجين ها
نازڪ پَل، يادون، ڳوڙها ، تنهايون ۽ غمَ
مون وَٽِ سڀ دلدارَ هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
چانوَ ڇپر، وَڻ ٽِڻ، گُلَ ڦُلَ، خوشبو ۽ بادلَ
قدرت جا سينگار هُئا، شَل تون بہِ هُجين ها
چوُرُ چوُرُ چِتُ، ڇيهوُن ڇيهوُن چاهه ڇَرِي تي
سَڀُ تُنهِنجا اُپڪارَ هُئا ، شَل تون بہِ هُجين ها

## 23

روشنيءَ جي پنيان ڊُڪڻ وارا
اڪ ۾ اوندهه رَکِي هَلَڻ وارا

ڪُنڊ پاسي ڦِٽو ڪيو تا وَجودُ
مُنهَڻ تي سَچُ چَئِي ڏِيڻَ وارا

مُنهنجو ڇا ڇا ڪٽي وِئين، ڇا ڇوان!
روحُ رولي وئين وڃڻ وارا

مو ڳو مو ڳو ڦِران اَنڌيرن ۾
گم ٿي ويا پيارَ سان سَڏَڻ وارا

هاڻي واپس ڪوئي نہ وَرَندو مَنَ
نيڻَ تَڪِجي پيا تَڪَڻ وارا

گوڙُ، رَڙِ، واڪا ڪونہ آهِن ڪي
ماٺِ ۾ گُفتگو ڪرڻ وارا

## 24

روز رات جو راڪاسَ گھُمَن اوندَهہِ ۾
چَندَ سِتارَن جا قَتل ٿِين اوندَهہِ ۾

چهرو ڪنهنجو ڪونہ سُجاڻي سَگهبو هاڻ
هڪ ٻي سان ٿا سڀ شخص مِلن اوندَهہِ ۾

پرِوُن تہَ ناهن اَمان جي اَفسانن جون ؟
ڪنهنجا ٿا هي آواز سَڏِن اوندَهہِ ۾

سِجُ لَهي ويو، ماڳ پَري آ رستي ۾
قدم قدم تي ٿا خار چُڀن اوندَهہِ ۾

ڪين سُڪا اُس ۾ ورهيہ لنگهي ويا آهن
چاهيان ٿو شل هيءُ گهاوَ سُڪَن اوندَهہِ ۾

سِج ، چَنڊ ، تارا اَوهان اُجالا ماڻيو
اکڙين ۾ ٿا ڪي خواب تَرن اوندَهہِ ۾

مُرڪَ مِٺيءَ سان جن جو چهرو روشن آ
نيڻَ ڪٽي مون ڏي ذرا ڏِسَن اوندَهہِ ۾

سِجُ، چَنڊُ، تارا سَڀُ سَڄڻَ اُجالن جا
ڪي ڊپَ، ڪي ڀَوَ ٿا ساڻُ رَهن اوندَهہِ ۾

اَسان اُتي ئي آهيون، سڀ هٽن هٿوڙا
موسيٰ، عيسيٰ، نانڪ، ڪرشن اوندَهہِ ۾

اُس ۾ موتي سڏجن ڳوڙها اکڙين جا
تشبيهہ ڏيان ڇا ؟ لُڙڪ ڳڙن اوندَهہِ ۾

اوهين وسايو ديپڪ گهَر جا ٿوري دير
سوچيو ڪِئن ٿا ڪي ساهہ کڻن اوندَهہِ ۾

اُسّ اچا جنهن وڻ تائين پهتي ناهي
خيال ڪيو سي ڪِئن ٻُور جهَلن اوندَهہِ ۾

سِجُ، چَنڊ آتا ياڪر پاڻ خاطر
تنها پَلُ هِڪُ ڪاٽان آڻِن اوندَهہِ ۾

ڪي غمگين رهن جڳمڳ روشن جڳ ۾
ڪي من مؤجي مَنَ پيا جَرڪن اوندَهہِ ۾

سڀ روشن پَل مُنهنجا چورائي ويا هو
ڪيڏو مشڪل آهي جيون اوندَهہِ ۾

ڏينهن بہِ گُذريو ڪانہ لَذَءِ ڪا سارَ پرين
نيڻ نِدورا ٿا واٽَ ڏِسن اوندَهہِ ۾

خؤفزده پيارُ رَهي شام، صُبح ، هر پَل
مُرڪڻ، ياڪُر ۾ پوءِ چُمڻُ اوندَهہِ ۾

روشن ذهن ٿِئي، دِل جون راهون روشن
جڏهِن پرينءَ جا تا خيال اَچَن اوندَهہِ ۾

اوندَهہ گهاٽي بَڻجي پَوَندي آهي دوست
جي ڪَچڙا ڪِٿ ڪي خواب ٽُٽن اوندَهہِ ۾

ڪڏهن تہ سِجُ اُڀري روشن بَڻجي دُنيا
روُحَ صَدِيُن ڪان پيا تا يَتِڪَن اوندَهہِ ۾

هَٿُ هَٿَ ۾ سو گهو جهَلجان، سازش آهي
هِت هِڪُ هِڪُ تي تا سَپُ وِچڙن اوندَهہِ ۾

سِجُ نِڪري تہ سُجاڻي سَگهِبا چَهرا ڪي
لِڪي لِڪي تا سپ سَڄَڻ نَڳِن اوندَهہِ ۾

تَنهائيءَ ڪي ماڻَڻَ وارا چاڻَن تا
لُڙڪَن سان ڪِئن اکڙيوُن جَرِڪَن اوندَهہِ ۾

## 25

صدمو وِسري ويو گهاءُ ڪُري وِچ وِچ ۾
جڏهن جڏهن تو کو مَلمُ مَکي وِچ وِچ ۾

مُڪتيءَ جي دَرَ تان پڻ موَتِي آيو آ
ڪنهنجي لءِ تو هيءُ روح رُلي وِچ وِچ ۾

اُس تِکي آ، ريتِ تَتَلَ آ بَرپَٽ ۾
حاصل ٿيندو ڇا ؟ ڪَکَرُ وَسي وِچ وِچ ۾

ڪي لفظ چَوي ٿو پو خاموش رهي ٿو
اَفساني کي اِئن موڙُ ڏِئي وِچ وِچ ۾

ڪيڏا سُپنن جا مَزه ڊِوئي آخِر مَنُ
غلط نہ چَئجي گَر لُڙِڪُ ڳڙي وِچ وِچ ۾

اوندَهِ برپٽ جو پَندُ بہ مُشڪل نہ آ
پيارَ مَنجهان کو آوازُ ڏِئي وِچ وِچ ۾

# 26

دردَ اِلاهي روزُ رُئڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟
گھاوَ اَندر ۾ آھَ پَرڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟

آنءُ عبادت ۾ پوڄا جون رسمو ڄاڻان
شيشُ نِوائي روزُ نِمَڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟!

وَڻ ٽِڻ، پربت پنھنجي جاءِ تان چُرن نٿا ھيءُ
منزل خاطر ڊوڙ ھلڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟!

پڪ آ مونکي واٽھڙُو تون واپس وَرندين
ور ور واڪا يار ڪرڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟

اَرمانَ اِلاھي مَنَ مان ليئا پائِن ٿا
سڀ ڪجھُ چَھري مان جھلڪڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟

وھم ورھا گُو، پا ڳُلپڻ سرحد جا جھنڊا
سنڌوءَ ڪپ ڪي ڏاڍُ سھڻُ ئِي ضَرُوري آ ڇا ؟

ڀُوتَ ڀَشيمانْ نهرو، ڄِناح جا ٿيندا ڀَڪَ
سندن خطا فرمانُ مڃڻُ ئِي ضَرُورِي آ ڇا؟

ٽُڪرا ٽُڪرا ڇيهون ڇيهون ٿي ڀيو جيون
هوريان هوريان ڀڃڻ ڀُرڻُ ئِي ضَرُورِي آ ڇا؟

ڀنهنجو مُلهه سمجهڻ وارا، سمجهي ويندا ئي
هيرو موتي ٿي جَرڪڻُ ئِي ضَرُورِي آ ڇا؟

## 27

کَھڙا کَھڙا خواب اَچن ٿا

پَلڪُن تي ٽِڪي ٿين ٿا

ڪو بہ نماڻو ماڻھو ڪاتي !

پَنھنجي پَنھنجي ھوڏَ هَلن ٿا

پيارُ، وفا، نينھُن، نيزاريون سڀ

ڦاسائڻ جا ڄار لڳن ٿا

ھوريان ھوريان ڪوريو سائين

پٽر پڻ ڪي ساھُ ڪڍن ٿا

سوچي سوچي قتل ڪيو ھاڻ

مُردن ۾ پڻ روُحَ رَھَن ٿا

ڪَچڙو سُپنو ڪُسِجي ويندو

پَل پَل اَھِڙا پوُرَ پوَن ٿا

چئُ ڪِئن لُڙڪن کي مان روڪيان

روز نئين ڪا وات وٺن ٿا

شاھُ اڳڻ ۾ ويڳاڻو آ

جوڳي جادو ڪون ھڻن ٿا

خواب رُسي ويا عرصو پَھِريان

نيڻ ندورا واٽَ تَڪِن ٿا

چانوَ ملي ڪا ساعت هڪڙي

پير ڦَٽيل اَرمانَ چَون ٿا

سادا سودا ماڻهو جيڪي

سيني جي اک ۾ ڪَٽڪن ٿا

ورهيہ صدين يُگ اَوتار مَٽيا

ساڳيا ساڳيا سوُرَ سَلِن ٿا

ڪنهن باهِ لڳائي ، واڪا ڪَن

لِڪي لِڪي جي چِڻگَ هَڻن ٿا

سور اِلاهي ناسوُر بڻيا

انتقامُ سَڀُ اِئين وٺن ٿا

اونداهو آ سارو رَستو

ٽورا ڪي لمحا جَرڪن ٿا

سُپنا، يادُيون، اَرمانَ پرِين

هِڪُ هِڪُ ٿي سَڀُ ساٿُ ڇڏِن ٿا

## 28

اُڃَ اِلاهي، پياس اِلاهي، مُنهِنجو وَرثو
بَرپٽ ۾ بادلُ وَسَندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

ڪوڙَ وِچن ۾ ڪوڙَ اَچن ٿا مُنهنجي دل ۾
ورهيه، صديون ، يگ ڪو ٽڪندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

قطرو قطرو تي لُڙڪ ڳڙن ۾ سُڪي وَڃَن
ڪو ورلو موتي بڻبو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

پَل پَل بي معنيٰ وقت ڦِري سارو جيوَن
ڪو دل ۾ پيهي ويندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

واڻَ جي کٽ تي گُم سُم ويٺو هوندو آهي
بابو آکاڻي ڪٿندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

وِريي وَڄَن ڍُهل، توتارا ٻَهِراڻن ۾
مورُ ٻَڻي مَنُ هيءُ نچندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

گهاوَ مٿان گهاوَ لڳن، جنگ اَندرَ ۾ جاري
ٻِڙڪَ ٻِہِ ٻاهر هو ڪيندو آ ايڪڙ ٻيڪڙ

## 29

کنهن سان کنهن سان پيارُ ڪيو هو يادِ اَچي ويو
ڪِئن هر پَل مون پاڻ ٺڳيو هو يادِ اَچي ويو

صرف پڙاڏا واپس وَرندا، ڏي نہ صَدا تون
هر ماڻهوءَ، هر شخص جهَليو هو يادِ اَچي ويو

سوُرَ لَهَن هيءُ، دَردَ لَهَن هيءُ، سائين مُنهِنجا
کهڙو کهڙو وڪر ڦَڪيو هو يادِ اَچي ويو

وڻ وڻ سان ياڪُر پائي سُڏڪي پوندو هو
مون جَهِڙو ڪو شخص چَريو هو يادِ اَچي ويو

برپٽ جي واريءَ ۾ پڻ ڪي گُل ٽِڙيا ها
اکڙيُن مان هِڪُ لُڙڪُ ڳڙيو هو يادِ اَچي ويو

ڀِٽڪي ڀِٽڪي پنهنجي گهر آخر پَهتُس مان
چائنٺ تي ڪنهن اَچي چِڏيو هو يادِ اَچي ويو

چنڊ جي ڳولها ۾ نِڪتو هو پر هوُ واپس
خالي هٿ مايوس وَريو هو يادِ اَچي ويو

روحُ رُلي جنّت مان چو واپس آيو آ
هن جو ياڪُر جَلدُ ڇَڏيو هو يادِ اَچي ويو

حسرت، سُپنا، اُميدون گِروي آهن سڀ
ڇا ڏِيان هُن کي! روح بَچيو هو يادِ اَچي ويو

ساحل جي واري ويري بس مُنهنجي قسمت
ڪوڏي ۽ هِڪُ شنکُ مليو هو يادِ اَچي ويو.

## 30

تو کي پر کيان وري خيال آيو

دلربا زندگي خيال آيو

ڪِئن رُسان، ڪِئن کيان ڪا ڪڏي ڳالهہ

ناهي هوءَ اوپري خيال آيو

مُرڪ، ماٺا ۽ چُمي هِڪُ يا ٻاڪُر

ڪا تہ ڏي سوُڪڙي خيال آيو

گوال، ڪرشڻ آ مَن ۾ گوپيون پڻ

سانتِ ڇو بانسُري خيال آيو

ويدَ، بائيبل ۽ قرآن ۽ گيتا

سارُ آ شاعري خيال آيو

ڪر انڌيرن سان پيارُ مَنُ لائي

پرمُ آ روشني خيال آيو

گنگا، جمنا رَکَن اُجايلُ تيون

سِنڌو وِچڙي وئي خيال آيو

چنڊَ، سِڄَ جي خطا هئي جيڪا
شام تنها رُني خيال آيو

مؤت تائين رهي محبّت شل
ڪِئَن ڪَيان اڳڪٿي خيال آيو

ساهُ وَر وَر پِرين سُڪي ٿو وڃي
رڪجي اَڪ ۾ نَدي خيال آيو

تون مُحبّت ڪرڻُ نَٿي چاهِي
مُنهنجو هَٿُ، ڇَڏِ ڇَري، خيال آيو

## 31

خواب نئون کو ڳنهي اَچان خَرچُ وڏو آ
بند اَکيون جي سانت رَهان خَرچُ وڏو آ

ياد ڪيان هن کي دل ۾ هر پَل، هر ڪِن
هُن تائين مان ڪيئن وَڃان خَرچُ وڏو آ

چَنڊَ، سِجَ جي، تارَن جي ڳالهه نہ ڪَرِ تون
ٻاري هڪڙو ديپُ رَکان خَرچُ وڏو آ

سِنڌُ پَري، شاهُ پَري مَنُ ويڳاڻو آ
ڪِئن سرحد هيءَ پار ڪَيان خَرچُ وڏو آ

قتل ڪيا پنهنجا سُپنا پنهنجي هَٿَ سان
ڪنهن تي ڪُوڙو ڏُوهہ هڻان خَرچُ وڏو آ

قاتل ڪپڙن ۾ اچا اَمان جي سِڪ آ
سُئي سڱو آ، ڇو نہ سِبان خَرچُ وڏو آ

لُڙڪَ اَمانت سانديي رکندس سيني ۾
سَمُنڊ جيان جي ڇول ٿيان خَرچُ وڏو آ

باهہ وسامي پر ٽاندا قائم آهن
ٺوري جي مان ڦُوڪَ ڏِيان خَرچُ وڏو آ

شامَ سَڄي، راتِ سَڄي ۽ ڏينهُن سڄو تنها
ڪنهن ڪي پنهنجي ساڻُ ڪٽان خَرچُ وڏو آ

سَچَ ڪي سَچُ چَئِبو، همٿ ڪبي، جانِ ڏِبي
ماٿِ رَهان ۽ آنءُ ڊِڄان، خَرچُ وڏو آ

ڪٿي وڃي لِڪان اَڪيلو، خود ڪي ڳولهيان
ڳڏجي لِڪَ ڇِپَ راندِ ڪيان خَرچُ وڏو آ

## 32

هاڻِ هر چيزَ تي وڌي گهَٽِ وَڌِ
جَنهِنجي حَسرت کيان، مِلي گهَٽِ وَڌِ

آنءُ ڪِئن خواب ۾ سَڏيان هُن کي
راتِ جو نِنڊ تي اَچي گهَٽِ وَڌِ

دوستي، پيارَ ۽ وفا جو پڻ
آسرو پَل هُجي، هُجي گهَٽِ وَڌِ

گهاوَ دل جا اَڃا پَريا ناهِن
مُرڪ شايد هوُ تو مَڪي گهَٽِ وَڌِ

غمَ خوشيءَ کان هو پورو واقُف آ
غور سان ڏِسُ، رُئي کِلي گهَٽِ وَڌِ

علم جو ايڏو بوجهُ چو تو کڻي ؟
ڪنڌُ ڪنهنجي اَڳيان جهُڪي گهَٽِ وَڌِ

خوشبوُ ساڳي آ، گُلُ بہ ساڳيو ئي
ڇا وِچايو اَٿس، ٽِڙي گهَٽِ وَڌِ

غَمَ اڳي ڪان وَڌيڪَ آهن پَر
مهل بي مهل هوُ ڇُلي گهَٽِ وَڌِ

چندَ، تارا نٿا سَڏِن مونکي
سوچ اِن ۾ پَکي اُڏي گهَٽِ وَڌِ

فرق اُسَ، چانوَ ۾ ڪرڻُ مُشڪِل
نوُرُ اکڙيُن ۾ ٿو رَهي گهَٽِ وَڌِ

يادِ اُنَ جي آ، تاتِ اُنَ جي آ
باقي ڪم ڪار ٿو پُڄي گهَٽِ وَڌِ

## 33

هوُ پرولي ڏُکي ۾ پَڇان هَر هَر
پاڻَ کي پاڻَ اِئن وَٽان هَر هَر

راهَ کا ماڳُ کو وَٽي ئي نٿو
پو بہ پايان اِئي ڏُکان هَر هَر

ڪين ڪا ڳالهہ هوُ مڃي مُنهنجي
مان بِنا چَئي ئي سَڀُ مَڃان هَر هَر

هر حقيقتَ ضَعيفُ آهي پرين
پيارُ، سُپنو، ڳِنهي اَچان هَر هَر

پار پولارَ جي پرين تو ٻُڌي
ماتِ ۾ گُفتگو ڪَيان هَر هَر

روزُ مَنِجي وَجي مُهاندو تو
غور سان پاڻَ کي ڏِسان هَر هَر

ڊِيرَ لاشن جا تو ڪُلهَن تي کڻان
اَمَن جي تو دعا پِنان هَر هَر

## 34

ڀل نہ موسان پيارُ ڪرِ پَر اِينديِ ڪَرَ
دوستي آ بي اَثر پَر اِينديِ ڪَرَ

تُنهنجي مُنهنجي راهَ آهي ڀَل جُدا
وقت ٿورو مُنهنجي گهَرِ پَر اِينديِ ڪَرَ

مُنهنجي مُنهن تي مُرڪَ هاڻي ڪينَ آ
اَشڪ اَکِ ۾ تَربَتر پَر اِينديِ ڪَرَ

رُڃَ پويان ڊوڙي ڊوڙي ٿَڪجي پيُس
زِندگي ٿي دربدر پَر اِينديِ ڪَرَ

ڀِتِ ڪجي ٿي زِندگيءَ ۾ روزُ ڪا
ڪَنهِن دريءَ مان تون نظر پَر اِينديِ ڪَرَ

مُرڪَ، ياڪُر، هِڪَ چُمي حَسرَت هُئي
ڀَر ۾ ويهي آهَ ڀَرِ، پَر اِينديِ ڪَرَ

## 35

يادِ تُنهِنجيِ روشِني آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
پيارُ تُنهِنجو زِندگي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
ساهُ سِنڌوُ، ساٿُ سِنڌوُ آ تصور سنڌوءَ جو
پاڪِ هر ڪا هِت ندي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
زِندگي تون ۽ بَندگي تون ۽ ساهُ تو ۾ آ پِرين
دل اَندر ڪا ٻي سَڪي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
ٻَڌجي پَوندُس بي وفا مان وارَ پهرئين سان پِرين
مؤتَ تائين دوستي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
بَندگي تون ۽ تون خُدا، تون زِندگي آهِين پِرين
پاڻَ سان ڪيڏي ٺڳي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
جي ڪڏهن در ڪڙڪي پر هوُ روحُ تو ٻَڌجي پَوي
پيارَ جي حَسرتَ پَلي آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
زِندَگي گهارَڻُ ڏُکي آ تو سِوا سَچُ آ سکي
هاڻِ دل ۾ شانتيِ آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي
دل ۾ اُڻ تُڻ، ذهن ۾ اُڻ تُڻ ٿئي، ٿِيندي رَهي
مَنَ جي وِرتيِ هيءَ ڇَري آ ڪوُڙُ ڳالهائجي ڪَٽي

## 36

تو کي سَڀُ مِلندو پَڪَ نَ سَمجھ
ڪُجھ رَھِجي ويندو پَڪَ نَ سَمجھ

پيارَ مُحبّت ۾ سگھ آھي
سَڀُ حاصل ٿيندو پَڪَ نَ سَمجھ

ٻُوَر جھَليو آ سُپنن جي وَڻ
ھر ڪو ڦل رَسندو پَڪَ نَ سَمجھ

واقُف ناھين بَرپٽ ڪان تون
ھر بادل وَسندو پَڪَ نَ سَمجھ

ڪنبَ پَکي ڪولي اُڏڙي ٿو
ھوُ اَنبَرُ ڇُھَندو پَڪَ نَ سَمجھ

مُلھُ تَہ آھي ورثي جوء پر
ڪو سانڍي رَکندو پَڪَ نَ سَمجھ

روحُ لڳي ٿو بيھوشيَ ۾
حَق لءِ ڪو وڙھندو پَڪَ نَ سَمجھ

هَوا هَلي آ ۽ ڪڙڪو ٿيو آ

هاڻي دَرُ ڪُلندو پَڪَ نہ سَمجھ

تيل ڏِئي ۾ وَٽِ پڻ سالِم

بس فوراً ٻَرندو پَڪَ نہ سَمجھ

هَر ذَري سان پيار ڪَندو چَندُ

هر ڪنهن کي چُمندو پَڪَ نہ سَمجھ

سُقراط هُجي، مَنصوُر هُجي

ڪو جِئرو رَهندو پَڪَ نہ سَمجھ

ڀَل نہ هُجي سِڪّو ڪوَڙو ڪو

دُنيا ۾ هلندو پَڪَ نہ سَمجھ

# 37

تو ٻُڌي پِي نہ ٻُڌو ڏُکُ آهي
لفظ پولار ۾ ويو ڏُکُ آهي

روحَ راڳا پِي ڪيا ها ليڪن
ڏيانُ تو ڪونہ ڏِنو ڏُکُ آهي

چَندہ تارن ڪي ٻہ ٻاڏائي ٿَڪُس
ڪون ڪو ديوُ لَٿو ڏُکُ آهي

شور غل ۾ تي صَدا گُم مُنهِنجي
هوريان سَڏُ توڪي ڪيو ڏُکُ آهي

روشني ڪنهن آ لڪائي خود وَتِ
شخص هر ٻوُٿُ ٻَڌو ڏُکُ آهي

چَندُ سِجُ تارا نہ مون چوراِيا
هوُ ٻِنا وَجهہ مَتو ڏُکُ آهي

راندِ لِڪَ ڇِپَ ڪَئي چوجَ مَنجهان
هوُ سدا لاءِ لِڪو ڏُکُ آهي

تارَ تي گُل پي ٽِڙيو سُهڻو پر
آنڌي طوفانُ لَڳو ڏُکُ آهي

مون تہ ٽوپو تي هَٽَڻُ چاهِيو پر
لِيڙون لِيڙون هو لَٿو ڏُکُ آهي

ڍَنڍُ دَرياهُ سُڪو، اَکڙيون خشڪ
آخري خواب ٽُٽو ڏُکُ آهي

آسَ تَسِ قصّو مُڪَمَل ٿيندو
ڊوهُ ڪِردار ڪَيو ڏُکُ آهي

مون تہ پاتو ئي گهَڻو ڪونہ ڪڍن
ڪَپڙي جو رَنگُ ڦِٽو ڏُکُ آهي

## 38

سوچان تو کو مِلَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي
ڳالهہ دل جي چَوَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

باغ مان گُل سَيئي چِني مون رکيا
هار تو لاءِ پُئَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

هُن کي ياڪُر يَري آنءُ چا چا چَوان
صرف تورو رُئَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

خواب پورا ٿِيَن يا اڌُورا رَهَن
خوابَ سُهِڻا ڏِسَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

زِندگي تو بِنا زِندگي ڪانہ آ
تون اَچين يا مَرَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

آنءُ بيزار خود کان حياتي سڄي
تون هلي آ۽ وَٺَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

مَهل بي مَهل مُنهِنجي نہ گهَر ايندِي ڪَر
آهي حسرت۾ سِڪَڻَ جو ڪَڏَهِن ٿِڻُ نَهي

پِت نہ سرحد تي پوري ڪٽائج پِرين
هڪ دَري رَکُ، ڏِسَڻَ جو ڪَڏَهِن تِڻُ نَهي

سارو آڪاش مان ڇا ڪيان پاڻَ وَٽِ
ڇَندِ تورو ڇُهَڻَ جو ڪَڏَهِن تِڻُ نَهي

## 39

زِندگي راهه وَنجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ
ٿورو ٿڪُ ويهي پَجِي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

ڳالهه سُرهاڻ، ساوڪ، نَديءَ جي نہ ڪر
آسَ بَرپَٽ ڪان رَڪِجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

ڳوٺَ ۾ ، شَهر ۾ ڪونہ ٿو مَنُ لَڳي
گهَرُ اُتي ٺاهي رَهِجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

خُشڪ دِل، ذَهَن بَنجَر، تَمنّا سُڪل
علحدو خوابُ لُٽِجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

ڪا عَدالت نٿي مونکي ڏوهي مَڃي
پاڻَ تي ڏوهُ مَڙهجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

تاتِ تُنهِنجي، عِبادتَ بہ تُنهِنجي پرين
سارَ سا ڍوئي هَلِجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

لَفظُ آهي مُحبّت، عِبادَت بہ لَفظُ
آخري لَفظُ چئجي جِتي وَڻُ نہ ٿِڻُ

هوُ بہِ پولاڙ ۾ گُم ٿي ويو زندگي
ڪائي آڪاڻي ڪٿِجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

زِندگي ڪا مَتان جَرڪي ساعِتَ پَوي
اُن جي هٿ اڪري پَڙهجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

ڪين ويسهُ مليو ڪِٿ سَچي زِندَگي
ڦارَ پائي تہ ڏِسجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

يادِ آ ذائقو زندگيءَ جو اَجا
ٿورڙي ماٺ چڪجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

ناهِ وَسَ ۾ وَڻَ مُنهِنجي زر و زَمين
ٿورو آڪاش ونجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

هوُ مَتان لائي ڪَنُ ڪِٿ نَہ وينو هُجي
ماٺِ ۾ آهہَ پَرَجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

گهاوَ مُنهِنجا چُٽي وِيا زَمانو ٿيو
تَہ بہِ ذرا مَلمُ مَڪِجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

ڍَنڍَ پياسو رَکيو، سَمُنڊَ پياسو رکيو
کوُهُ هِڪُ کوَٽِي جِڏِجي جِتي وَڻُ نہ ٽِڻُ

# 40

آهي آلاڻ اڪِ ۾ رُنو ڪيرُ هو
مائِٽُ مُنهِنجو پُڇان ٿو سَڳو ڪيرُ هو

سَڀُ هَوا تي سَوارِي ڪَري ويا هِتان
پو اَڳُڻَ مُنهِنجي آخر لَٿو ڪيرُ هو

ورهيَہ ٿيا هوُ ڪڏهن ڪونَ آيو نَظر
پو لِئو پائيندي مون ڏِٺو ڪيرُ هو

پُرزا پُرزا ڏِٺو پاڻَ کي هَر گهَڙي
ڇِيهوُن ڇِيهوُن بٽيو هو، سڄو ڪيرُ هو

ذَهنُ آ قيد ۾، روحُ آ قيدَ ۾
قيدَ مان زِندگيءَ جي ڇُٽو ڪيرُ هو

آ اَنڌيرو پُٺيان، آ اَنڌيرو اڳيان
چِٽنگ ٻارَڻ لَٿو اوچِتو ڪيرُ هو

ڪو تہ عالِمُ مليو، ڪو مليو مَعتبَرُ
تون ئي ڇَئُ مون جِيان پورِڙو ڪيرُ هو

## 41

چَنڊَ جو چِمڪي رُڳو هِڪُ پاسو

هر جَڳهِه جو اَنڌيرو هِڪُ پاسو

ٿي بغاوت دُھون آھي دل ۾

مگر اَفسوس، تنتو هِڪُ پاسو

جو ڀي چِھرو مون چَپَن سان لاتو

هو مِٺو ۽ هو ڦِڪو هِڪُ پاسو

آنءُ ڪِئَن ماڳَ تي مِلَندُس توسان

پيچري جو آ ڦِڏو هِڪُ پاسو

آ مُحبّت اَجا توسان ٿوري

دل ڀَجين ها، تو ڀَڳو هِڪُ پاسو

ڀَٽڪندو روحُ اَجا ڀي مُنهِنجو

پيارَ جو ڄاتو رُڳو هِڪُ پاسو

اُسَ تِکي ۽ هَوا پڻ تيز لڳي

پَر لَٽي جو آ سُڪو هِڪُ پاسو

جاچِ، هَر چيزَ ۾ ساڳيو ئي ڪوَٽِ

هِڪُ ٺُٺَلُ ۽ آ سَڄو هِڪُ پاسو

## 42

اَڄُ تہ ڳولهيُون ڪو مِلي جي سانهَسَتِيڪو
ڪُجهُہ ڏِئي ۽ ڪُجهُہ وَٺي جي سانهَسَتِيڪو

ديوَ آيا ۽ هَليا ويا آسماني
هِڪُ پرِين دِلبَرُ اَڇي جي سانهَسَتِيڪو

گهاوَ اوُنها پِڻ ڄُٽي ويندا گهڙيءَ ۾
مَلمُ مَنَ سان ڪو مَڪي جي سانهَسَتِيڪو

ڳالهِ دِل جي چَئہ ڪَجي ڪَنهِن سان، ڪجي ڪِئَن
ٽورو ڪِن پَر ڪو وِهي جي سانهَسَتِيڪو

پيِڙَ ۾ هَٿُ پِڻ مِلائِڻُ ناگَوارا
زِندگي هُن لءِ، اڇي جي سانهَسَتِيڪو

## 43

خؤفَ ۾ روزُ چو جِيُون وينا
قطرو قطرو اِئين ڳرُون وينا

ايندو ايندو ڪَڏهن تہ هوُ ايندو
ساھُ اِنَ آسَ ۾ ڪٽُون وينا

سِجُ ڪَنهِن پاڻَ وَٽِ لِڪايو آ
روزُ اوڀَر ڏي اَکِ ڪٽُون وينا

چَندَ ڪي نياپو ڪو ڏئي مُنهِنجو
عُمر ڀَر داڳُ هِڪُ ڌُئُون وينا

قياسُ ڪو ڏارِ زِندگي هاڻي
هَر گهَڙي خودڪَشي ڪيُون وينا

ڪي پَڙاڏا، ڪي سَڏَ ٻُڌا ها مُون
روزُ خاموشيِ اِئَن سَهون وينا

تون بہِ اڻڄاڻ، بيخبر مان پڻ
بي وجَھ پاڻَ ۾ وِڙهون وينا

هوُ خفا آ مگر الائي ڇو
سا پِرولي اَڃا ڀَڄوُن ويٺا

جيتَ ڇا، هارَ ڇا، وِساري ڇَڏِ
زِندگي داءُ آ هَٽوُن ويٺا

هوُ ڇَڏي سَنمُڊَ جي ڪناري وِيو
هَر لَهر تي ٻُڏوُن تَروُن ويٺا

ذهن، دِل، خوابُ هڙئي هارايو
زِندگي داءُ ڇو هَٽوُن ويٺا

هُن هَٿَنِ ۾ جهَليو هو هَٿُ ڪِنَ يَر
ساڳِي ساعِت اَڃا ڇُهوُن ويٺا

## 44

روزُ قطرا ڪٽي هَلي ٿو هوُ
ڪينَ قُدِرَت کان پڻ ڊِڄي ٿو هوُ

مُٺِ ڀِڪوڙي ٿو ٻار جيان وَر وَر
خواب سو گها ڪَري جهَلي ٿو هوُ

آهي واقُف هوا جي فِطرَتَ کان
تَہ بہِ ڏِئو ٻاري هِڪُ رَکي ٿو هوُ

سَمندَ تي روزُ شامَ جو توُن اَچِج
ڪَنَ ۾ هوريان چَئِي وَجي ٿو هوُ

ساڳِي آڪاڻي ٿو ڪٽي، تَہ بہِ روز
چَوَندي چَوَندي مُنجهِي پَوي ٿو هوُ

زِندَگي اَڌَ ۾ هَٿُ ڇَڏائي وَئي
ناهي شِڪوا مگر، پَر ڇُلي ٿو هوُ

ڪيرُ نياپو ڪَٽي پِرينءَ ڏي وَجي
سَڀُ اُڏائي پَکي ڇَڏي ٿو هوُ

شَخصُ هَر ڪو هِتي مون ڏِٺو سوچَ ۾
شَهرُ سارو ٻُڏَلُ پيو لَڳو سوچَ ۾

ليِڙُوُن ليِڙُوُن لَٿو آ سَموُرو پرِين
ڪيئن هٽان ٿوپو؟ آهي سَڳوسوچَ ۾

آهي خاموش عالَمُ سَمورو سَڄَڻَ
دِل اَندَر شورُ بَرپا ٿِيو سوچَ ۾

ڪا هَوا، ڪوئي طُوفانُ ناهي مَگر
هِڪُ يَنيَٽُ ڇو اُجهامِي وِيو سوچَ ۾

هي نيا ڳيون اکيُون روزُ دَرَ ڏي ڪَڇَن
ٿورو شايد وَڳو هو ڪَڙو سوچَ ۾

مُلڪ مَنجي وِيا، ڏارَ ٿيون سرحَدُوُن
ڳوٺُ مَحفوظُ مُنهِنجو سَڄو سوچَ ۾

روحُ آهين پرِين روُحَ جو تون سَدا
آهِ وِشواسُ مونکي پَڪو سوچَ ۾

## 46

نَظَر دِل کي جڏهن ڇُهندي

تڏهن راحَت ذرا مِلندي

وِهي ڀَر ۾ اَچي چُپ چاپ

قَضا پڻ دِلرُبا لَڳندي

اَچا اڳتي وَڌايو وِکَ

حَيا تي بي حَيا پَوندي

ڇِني حَق واسطا سارا

سُجاڻپ ڪِٿ وَڃي ڀِنَندي

اِها آلاڻِ اکڙِيُن ۾

هميشھ نيِنهَن جي رَهندي

تي رَڻپَٽُ زِندگي ڀِٽڪي

ڪڏهن ڳولهي سُڪونْ لَهندي

اَدا مَضمُونُ لُڙڪن سان

لِکَڻُ ڏي، زِندگي پَڙهندي

نَہ تون اِئن زِندگيءَ کي ڇيڙِ

پُراڻو ڪيِنَرو ڪَڍَندي

## 47

عَرش ۾ تارا ڪِڙيا ڏِسُ ڪيتِرا

خوابَ ڪَنهِنجا سَچُ ٿِيا ڏِسُ ڪيتِرا

ڪَڪَر آيا اَڄُ مِڙِي آڪاسَ ۾

پَر اَڳُڻ مُنهِنجي وَسِيا ڏِسُ ڪيتِرا

هر گهڙيءَ سُپنا ڏِسَڻُ عادت اَٿم

سوچ ۾ آهيان، ڦَريا ڏِسُ ڪيتِرا

ڊوهُ وَڻَ جو آهي ! يا طوفانَ جو !

هِڪَ ئي وَڻَ جا پَنَ ڇَڻِيان ڏِسُ ڪيتِرا

باغ ۾ آيُس خوشيءَ سان زِندگي

ڦُولَ ليڪن هِتِ ٽِڙيا ڏِسُ ڪيتِرا

زِندَگي آ ساهَ جو هِڪُ سِلسِلو

مُنهِنجا تو بِن پَلَ سَريا ڏِسُ ڪيتِرا

پيارَ جو ڏوهي رُڳو هِڪُ ناهيان مان

مُون جِيان آهن ڇَرِيا ڏِسُ ڪيتِرا

## 48

زِندَگي بي وَفا ڪيئَن چَوان
ڪيس پَر دِلرُبا ڪيئَن چَوان

روشني تِمتِمائي اَچا
پاڻَ اوندَهه غُفا ڪيئَن چَوان

روزُ تورو ڏِئي تي اَناجُ
وِرت ۽ فاقه صفا ڪيئَن چَوان

آسَ جا لُڙڪ آهِن اَچا
نيڻ برپٽ سَچا ڪيئَن چَوان

جهيِڻي پازيب ۾ چم چم ٻُڌي
ڪانه آئي صَدا ڪيئَن چَوان

سوچَ ۾ ۽ ذَهنَ ۾ ۽ خوابَ ۾
ڪيرُ تو کان سَوا ڪيئَن چَوان

پيارَ سان هَٿُ جهَلي ڪا گهَڙِي
اَگهِجي ويندي دُعا ڪيئَن چَوان

مُنهنجو ئي غلط هوندو حِساب
قرضُ ڪنهن تي بَقا ۽ ڪيئَن چَوان

روحُ ،دِل، ذَهَن ، پاڪيزگيِ
آهي ٻيو ڪو خُدا ڪيئَن چوان

مؤت ڪان پو مِلوُن نہ مِلوُن
زِندَگي آ سَزا ڪيئَن چوان

ڪا نَديِ هِنَ اَگڻَ ۾ لَهي
ٿوتِ جَذبا ٻَلا ڪيئَن چوان

پيار مُنهنجوِ عِبادَت پرِين
هر جَنمُ آ خَطا ڪيئَن چوان

مون تَہ ٻاري رکيو آ ڏِئو
ڪِئن وسائي هوا، ڪِئن چوان

سانڻُ هَلندا رهيا سِجَ گهَٽا
مُٺِ ۾ ڪي تِرورا ڪيئَن چوان

گُفتگوُ اَمَن جي آ گهَٽي
مَنَ اَندر زلزلا ڪِئَن چوان

## 49

زِندگي پَنهِنجي هَلي ٿي
ڪينَ ڪَنهِنجي پِڻ ٻُڌي ٿي

قتل پَلَ پَلَ جو ٿِيو هِتِ
هر گهَڙي تَڙپي لُڇي ٿي

بَندِ مُٺِ تہ بِہ پۆ لڳي ٿو
زِندگي هر شيءِ ڦُري ٿي

هوءَ بِہ ڏاري ٻَڄي پَوندي
دُنيا تي ويسهُ رَکي ٿي

خوابَ ۾ پِڻ هِجرَ جو پۆ
ننڊَ پَل پَل اِئن ڦِٽي ٿي

سِڄُ ويري آ اَزَل کان
راتِ اَکڙين ۾ رَهي ٿي

ڇا وِڃايو ٿَسِ اَلائي
زِندگي پُڻ پُڻ ڪَري ٿي

هوُ بہِ اَڄُ غمگين هوندو
روشني جهيِٽي لڳي ٿي

خودڪُشي مان پڻ ڪَيان ها
مُرڪَ هُن جي هَٿ جهَلي ٿي

زِندگيءَ سان ناهُہ ناهي
هر گهَڙيءَ چيڙِي وَجي ٿي

زِندَگي قُربانُ هُن تي
ڪينَ جيڪا ڪُجهُہ گهُري ٿي

حَقُ آ مُنهِنجو اُسّ تي پڻ
جا اَڱڻَ مُنهِنجي لَهي ٿي

پائي ريڙهِيون پَهُچي ويندُس
زِندگي مونکي سَڏي ٿي

## 50

لِکي زِندَگي پو مِٽائي ٿي ڪيڏو
گهَڙي هر گهَڙي اِئن سَتائي ٿي ڪيڏو

سَڏي چَندَ، تارَن کي دُنِيا سَڄيءَ مان
اَڱڻُ مُنهِنجي گهَر جو سَجائي ٿي ڪيڏو

ڪڏهن ٿي رُئاري، کِلائي ڪڏهن ٿي
اِئين هوڏَ پَنهِنجي هَلائي ٿي ڪيڏو

خَبر ناهي مون وَٽِ ڪڏهن اينِدي آخِر
قضا راز پَنهنجو لِڪائي ٿي ڪيڏو

سنيالي هَلان يا هَلان بي خوديءَ ۾
ڪَٽان پيرُ مَسَ تو، ڏَڪائي ٿي ڪيڏو

ڏني ماءُ لولي سا وِسري وَئي آ
چوَن ٿا اَمان بَڙبَڙائي ٿي ڪيڏو

اسان گيت چاهيون ٻُڌڻُ زِندگيءَ جا
غزل مُنهنجو هوءَ گنگنائي ٿي ڪيڏو

محبّت ڇَڏيسين، شَرافت ڇَڏيسِين
ڏِسو پيٽَ جي ٻُک رُلائي ٿي ڪيڏو

## 51

ماٺِڪَ مَٽِڪا ماڻَ اکيُنِ ۾
تَرڪش جا سَڀَ ٻاڻَ اکيُنِ ۾
تِکي نَظر سان توري وَتَندو
ماهِرُ آ، ڇَندڇاڻَ اکيُنِ ۾

جَنگِ اَجا هيءَ جاري رَهندي
هر پَل آ ڇِڪَ تاڻَ اکيُنِ ۾

عڪسُ اَسانجو ڪِئن هوُ پَسَندو
رَهَندو آ هو پاڻَ اکيُنِ ۾

خاموش اَچي خاموش وَڃي
جرڪي روحَ رِهاڻَ اکيُنِ ۾

جيتي جَڳُ سارو ماتِ رَهيو
نينهن نِماڻو آڻِ اکيُنِ ۾

ذڪر ڪيو دِل سان دِل هُن جو
ڇَلڪي پيا مَهِراڻَ اکيُنِ ۾

# 52

زِندَگي ويسَ پائي نَوان نِت هِتي
آنءُ قاتَل وَ ڳو چو سِبڻ تو لَڳان

ڏي نہ تَلوار هَٿَ ۾ اَمان مُنهِنجي تُون
خواب پَنهِنجاءِ پَراوا کُهڻَ تو لڳان

کو بِہ بيڏوهي جي ڪِٿِ بِہ کُسِجي وَڃي
آنءُ الزامُ خود تي مَڙهڻ تو لڳان

قارَ پائي مِلَڻَ جي تَمّنا کَيان
دِل کي آٿتُ ذرا اِئن ڏِيَڻ تو لَڳان

وَڏَ اَجا ٻوُرُ پِڻ کون آهي جهَليو
آنءُ پَتر کٽي چو هَٽَڻ تو لَڳان

عَڪسُ هُن جو اَکيُن ۾ صَديُن کان رَهيو
روُبَرو جي اَچي اَڪِ ڇِنيَڻ تو لَڳان

ريتِ ئي ريتِ آ زِندَگي هيءَ سَڃي
آنءُ کَنهِن لءِ کَکَر جيان وَسَڻَ تو لڳان

ڪا عداوت ڪڏهن ڪانہ ڪنهن سان رهي
هر بَنيِ بَشَرَ ڪان چو ڏَڪَڙ تو لَڳان

گهاوَ جهوُنا۽ پُراڻا سُڪي ويا سَيئي
مَلَمُ تورو ڪَٽيِ چو مَڪَڙَ تو لَڳان

# 53

زِندَگي روزُ ٿورو وَڃي ڪُندَ ۾
ڪا نہ ڪا شَئِہ لِڪائي اَچي ڪُندَ ۾

مُرڪَ مُنهَن تي رَکي ۽ وِرهائي ڇَڏي
لُڙڪَ دِل جا سمورا رَکي ڪُندَ ۾

روزُ خاموش گُذري وَڃي شامَ پڻ
جي اچي هوءَ، سُڏِڪي پَوي ڪُندَ ۾

وِرلي ڪنهن ڪمپيوَٽِر يا ڪَبَٽ ۾ ڪَڏهن
شاهُ، سامِي، سَچلُ ٿو مِلي ڪُندَ ۾

ليڙُون ليڙُون سَڄو وَرٿو مونکي مِليو
ڪَھِڙو ٿوپو ڪِٿي ڪو هَٽي ڪُندَ ۾

تُون هَلي آ اَنڌيرَن جي پَرواه نَہ ڪَر
هِڪ ڏِئو پيارَ جو ٿو ٻَري ڪُندَ ۾

پيچِرا زِندگيءَ جا ٿِڌا ۽ ڦِڏا
هِڪَ گهَڙِي ڪاش ويهِي سَگهي ڪُندَ ۾

چَندَ کي روزُ ڏِسَندو دَريءَ مان رَهان
کي گهَڙيُون چو نَتو هوُ اَچي کُندَ ۾

الوداع ! هَتَ سان هَٿُ هوُ مِلائي وِيو
پَنهِنجي آڱُر تو وَر وَر چُمي کُندَ ۾

کيئَن خُدا وَتِ وَجي هوُ بِہ خالي هٿين
کي اُميدون تو پوُري رَکي کُندَ ۾

# 54

پير اُگهاري ذرا هَلان ڪانچَ چُپَنِ تا

ٿورو منزل ڏانهُن رڙهان ڪانچَ چُپَنِ تا

سَڀُ شيشي جي بَنگلَن ۾ ويٺا آهِن

ڪَنهِن ڏي اکِ جي ڪَٽيِ ڏِسان ڪانچَ چُپَنِ تا

يَري يَري سَڀُ مَحفِل ۾ پيئندا آهن

وِرلي جي مان جامُ ڪٽان ڪانچَ چُپَنِ تا

هَر شِيشو اُجلو، هَر چِهرو چَمڪي ٿو

ٿوريُون اکڙيُون بَندِ ڪَيان ڪانچَ چُپَنِ تا

چوُڙيُون هُن جوُن پَکِل اَجا وِسريُون ناهِن

ڪائي ڪَرائي جَڏهن ڇُهان ڪانچَ چُپَنِ تا

ڪَن ۾ آزاديءَ جو خوني سازُ وَڄي

جي ٿو 'سرحد' لَفظُ ٻُڌان ڪانچَ چُپَنِ تا

چيهون چيهون ساري ڌَرتي آهي اَڄُ

هِت هُت ، ڇئو ڪِٿ ؟ پيرُ رَکان ڪانچَ چُپَنِ تا

لَفظُ لَفظُ، چِيهوُن چِيهوُن آوازُ بَڻيو

شُهرَت، اُلفَت، نيِنهن ، گُمانْ ڪانچَ چُپَنِ تا

## 55

زِندَگي آ مَزو پَر مَزو ڪِرڪِرو
قولُ، سَرهاڻِ، ٻُوَتو ڏِنو ڪِرڪِرو

ٿوري ساهي ڪٽي پَٽِ، مُسافِر هِتي
تو چَيو هو پِرين، پَر چَيو ڪِرڪِرو

وقتُ هو، ساٿُ هو، پيارُ هو، تات پڻ
لَمحو لَمحو مَگر پي لَڳو ڪِرڪِرو

واٽَ تُنهِنجي ڏِٺي تون نَہ آئين ڪَڏهن
مُون نہ ڄاتو هُئو وعدو ڪِرڪِرو

هَڙَ نَہ حاصِل ڪَڏهن ٿي ٿِئي زِندَگي!
تو چيو ڪِرڪِرو، مون ٻُڌو ڪِرڪِرو

نِندَ گَهرِي هُئي، خوابَ ۾ ڪائنات
تُون نَہ آئين نَظر سَڀُ ڦِڪو ڪِرڪِرو.

پاڻَ کان پاڻَ زِندَگي شِشدَرُ
وَقتَ جي هر گهَڙي گهَڙي شِشدَرُ
سِجَ ۽ چَندَ تان بہ تي آيُس
مون ڏِٺي آهِ روشِني شِشدَرُ
دوستي ۽ پيارُ ۽ وَفا آهِن
مُرڪَ، پاڪُر، پِرين، چُمي شِشدَرُ
هو انڌيرن ۾ پِڻ لَهي اِيندو
پل ٿِيَن چَندُ، چاندِني شِشدَرُ
تُنهِنجو، مُنهِنجو بہ خُون ٿِيندو هِتِ
خوابَ ۾ اَڄُ زَمينَ تي شِشدَرُ
ڪِهڙي چانئُٽِ تي سِرُ جهُڪايان مان
هَر عِبادَتَ ۽ بَندَگي شِشدَرُ
گوُنجَندي چيِخَ هِڪَ رَهي هردم
تو ٻُڌي، مون ٻُڌي لڳي شِشدَرُ
تو قيامَتَ ڪَڏهن ڏِٺي آهي ؟
ذَرو ذرو ذَرِي ذَرِي شِشدَر

## 57

ڪاش گُذري سَڄي زِندَگي چانوَ ۾
صِرف پَسَندو رَهان چاندِني چانوَ ۾

اُس ۾ گُل ٽِڙيا، سارا مُرجهائي ويا
آ تمّنا مِلي هِڪَ ڪَليَ چانوَ ۾

اُسَ ۾ اَڪِ ڪَٽي ڪيئن ڏِسان سوُنهَن ڏي
جَرڪَندي روُحَ جي روشِني چانوَ ۾

اُسَ اَرمانَ سارا سُڪائي وِڃهي
پيارَ سان هَٿَ ۾ هَٿُ هِڪ گهَڙي چانوَ ۾

اُسَ ۾ شَخصَ هِتِ هُتِ مِلَن بيشُمار
شامَ ڪان پو مِلي ڪا پَرِي چانوَ ۾

اُسَ ۾ بَندِ دَروازا سارا مِليا
سانجهَ ٽاٽي ڪُلي ڪا دَري چانوَ ۾

## 58

اُس اڱڻَ ۾ جِئين لَهِي آئِي
يادِ هُن جي اِئين وَري آئِي

هن جي هوريان اَچڻ جي آهٽَ آ
چَڻُ تہ بَرپَٽَ ۾ زِندَگي آئِي

هُن هَٿَن کي جَڏهن ڇُهيو هورِيان
بند اکڙيُن ۾ روشِني آئِي

زِندَگي چَڻُ سَڄِي مِٺاسَ هُجي
ساڻُ گهارَڻَ جِي هِڪَ گهَڙِي آئِي

مون اَجا کيس کُجهُہ بہ ڪونَ چَيو
هِڪَ نَظرَ مون ڏي سَرسَري آئِي

مُرڪَ چَپَ تي جَڏهن جَڏهن آئِي
هوءَ دِل ذَهنَ تي تَريَ آئِي

روُحَ جي پياسَ کي مِٽائِڻَ لءِ
هوءَ سِنڌوُ نَدي ٿِهي آئِي

# 59

ماڻهوُ ماڻهوءَ سان مِلَندو آ زورَڪَتِيو
هر ڪوئي ٻي ڪي سَهَندو آ زورَڪَتِيو

پيارُ، مُحبّت اَثرُ وِڃائي ويٺا هِتِ
مُرڪَ، چُمِي، ياڪُر لڳَندو آ زورَڪَتِيو

لِڦُون لِڦُون پيرَ وَقتَ جا آهِن هِتِ
لُچِي لُچِي لَمحو ڇُرندو آ زورَڪَتِيو

شاهُ، سَچَلُ، سامِي ڇا ڇا آهي هُنَ وَٽِ
وَقتُ ڪَڏِي وِرلي پَڙهندو آ زورَڪَتِيو

ٻوَٽِن ۾ گُلَ پڻ هاڻي ٽِڙَن ڪِٽي ٿا
گُلشنَ ۾ ڪو گُل ٽِڙَندو آ زورَڪَتِيو.

روزُ شامَ جو راهَ ڏِسَڻُ وِسري نہ وَڃي
پَل پَل هُن ڪي يادِ ڪَرڻُ وِسري نہ وَڃي

تو وانگر بيڏوهي آهيان پَرمُ نہ ٿئي
خود تي ڪو الزام مَڙهڻُ وِسري نہ وَڃي

تاتِ، تَصور تُنهنجو، تاڃي پيٽو تاڃي پيٽو آ
سو نہ هُجي گَر ساهُ ڪٽڻُ وِسري نہ وَڃي

ڪي اُميدوُن پوُري آيُس سَرحَدَ تي
هر ڪو سَرحَدَ پار ڪرڻُ وِسري نہ وَڃي

ڪَنهِن ڪُندَ اَڃا باپوُ چرخو چوري ٿو
شَرمِ، حيا سان شخص هلڻُ وِسري نہ وَڃي

ڪي تہ گهڙيوُن آرام ڪرڻُ ڏي اکڙيُن ڪي
پِرين مِٺو، نہ تہ اکيون ڇِنيَڻُ وِسري نہ وَڃي

سِندُ جو نَقشو اکِڙيُن ۾ محفوظ رَکِج
شاهُ، سَچَلُ ۽ سامي پَڙهڻُ وِسري نہ وَڃي

ويهُہ اَڄي پَر ۾ پاڪِ فِضا ٻَڌِجي هيءَ
پوُڄا، عِبادَتَ، دُعا پنڻُ وِسري نہ وَڃي

اڄ گڏِجي ياڪُر پايون، هَنجوُن هاريوُن
مَستَقبِل، ڳوڙها ڳاڙڻُ وِسري نہ وَڃي

اَڄ ذَهنَ ٻَنيءَ ۾ پوکَ ڪَيوُن سُپنَنِ جي
دَردُ اِلاهي، خواب لهڻُ وِسري نہ وَڃي

ڪو تہ ڪَڏهن مَنظر اَڪ آلي شال ڪَري
دِل جي فِطرَتَ آهَ پَرڻُ وِسري نہ وَڃي

## 61

خود کي جيتي هارائِڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

ڪا ڪِنَ جيئرو رَهي مَرَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

سِجُ، چَندُ، تارا آڪاسَ اَندَرِ باهِه ٻَري

دل ۾ ڪَنهِن لاءِ دُهين دُکَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

جهَنگَ جهاڳيا، رِڻَ پارِ ڪَيا سَسُئي ٻَڃي

پرين ! پُنهوءَ جيان پيار ڪَرَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

اُڻِ تُڻِ اُڻِ تُڻِ هَر ڪِن مَنَ ۾ اُڻِ تُڻِ آ

سانتِ رَهي ڪي ساهَ ڪٽَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

اَمان تو هَر ڪِن مونکي معافُ ڪَيو هو

خود کي وَر وَر معافُ ڪَرَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

سِجَ سَوين ٻَڃَڻَ ۾ ڪا ڪَسُ ناهي، پَر

اُسَ تِکيءَ ۾ چانوَ تَهَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

ليڙُون ليڙون ٿي پيو آ مُنهِنجو وَرٿو

هَر هَر ٿوپا روزُ ڏِيَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

تون، تون آهين ، مان، مان آهيان، آهي سَچُ

تَنهِن هوُندي پِڻ ساڻُ رَهَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

دِل تي ڪيڏا ٻوجهَ ڪٽي هَلَندا آهيوُن

سِرَ تي ڪائي ٻَري ڪَٽَڻُ ٻالهِه ڏُکي آ

يادِ، تَصور، تاتِ پرينءَ جي ڪِينَ ڪَسيو

سناٽي ۾ آهَ ڀَرَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

اُميدُن جي شمع ٻاري وينو هوسِ

خود ڪان پَنهِنجي آسَ ڪَسَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

هَلندي چَلندي دِل جي ڌڙڪن ٻِهي وَجي

هِڪِ ئيَ ڪِنَ ۾ ساهُ ڇَڏَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

سُقراط جيان مؤتُ اَچي پَرواه ناهي

وِهَ جو پيالو روزُ پِئَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

قَتل ٿِئي يا مَمَڻُ مَچي يا رَڙِ واڪو

خاموش رَهي ماتِ ڦَڪَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

هِڪُ هِڪُ سُپنو قِسمَتَ ڪان چورايو آ

پَنهِنجا سُپنا پاڻَ ڪُهَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

آزاديءَ جو سِجُ پِڻ ڪارو اُڀريو آ

بنا سبب ايِئن وَطنُ ڇَڏَڻُ ڳالهِ ڏُکي آ

## 62

ڪي پَلَ جِئرو رَهَندو آ ڪَنِجي سَنِجي
خود ڪي ٿورو وَڻَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

راشَنُ، پاڃُيُون ۽ بِجلي، پَگهارَ پُوري
ڪُجهُ بِہ نَہ خود لاءِ بَچَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

پيٽَ، پُنيُون، ڇاتيُون، چِهرا، هَٿَ، پيرَ تَڪَلَ
پُورو ماڻهو مِلَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

آزادي آ ڇوَنَ ٻُڌَنَ جي، پُوري آ
جِيَ ڪَنيو، ڪو ڇوَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

چَنڊُ اَوهانجو، سِجُ اَوهانجو، تارا پڻ
مون گهَرِ ديپڪُ ٻَرَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

مُرڪَ اَوهانجي، خوشي اَوهانجي، مَحفِل پڻ
مَنُ هيءُ گُم سُم لُڇَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

ڪَهڙا ڪَهڙا پَوَ دِل تي قابض آهِن
هَٿَ ڪي هَٿُ پڻ ڇُهَندو آ ڪَنِجي سَنِجي

گهاوَ اِلاهي ڪونَ ڳٽي سَگهِبا، سندُ !
روحُ سَمورُو ڪُرَندو آ ڪَٿِجي سَٿِجي

ڏِينهُن سَڃو مَحِنَتَ ڪَرِٽي تَسِ، ڄاٽي تو
روزُ صُبحَ جو اُٿَندو آ ڪَٿِجي سَٿِجي

## 63

چيهُون چيهُون مَنُ رَهَندو آ ٻُڍِ تَر ۾
بَندِ اکيون ويٺو لُڇَندو آ ٻُڍِ تَر ۾

چَندَ ۽ سِتارَن جي آ حَوالي راتِ سَڄي
سوچَ ڪَٽي سا سِڄُ لَهندو آ ٻُڍِ تَر ۾

پَکي پَکَڻَ واپَسِ آيا آکيرَن ۾
راتِ سَڄي سُپنو رُلندو آ ٻُڍِ تَر ۾

هيڏا تارا آڪاسَ اَندر ۽ تَہ ٻہ اوندهہ !
سوچي هَر ديپَڪُ ٻَرندو آ ٻُڍِ تَر ۾

ڪيڏا مَزہ ڏويان؟ جهيٽو پُٽِڪو آيو
سَرحَدَ تي ٻاپو پُڄندو آ ٻُڍِ تَر ۾

بيهوشيءَ ۾ شايد ٿورو هوشُ اَچي
هوريان هوريان هوُ پئندو آ ٻُڍِ تَر ۾

## 64

توسان آخِر تائين رَهِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي
ڪَڪُ پَنُ پاسي ڪَندي هَلِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

پرلاءُ محبت جو لفظ لفظ ۾ هوندو
دِل جو آوازُ پِرين ٻُڌِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

روح اَندر ڪو راڙو رَهِجي نہ وَيجي مُنهنجي
وَر وَر هُن ڪي ڀاڪُر ڀَرِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

پنهنجي آڱُر سان مُنهنجي هٿ تي ڪُجهہ تہ لکيائين
عُمر سَڄي بَس ويٺو پَڙهبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

چانڊوڪيءَ ۾ وَڻَ هيٺان هوُ وِهَندو آهي
واٽُن تي وَڻَ وَڻَ ڪان پُڇِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

هُن لِءِ اَڄُ پڻ اوسيڙي ۾ ويٺا آهيون
ڀِتِ تي ديپَڪُ ٻاري رَکِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

بيَتُ شاهَ جو چانئُٽِ تي ويهي ڳايو هُنَ
ذَرو ذَرو چانئُٽِ جو چُمِبو، ڪا ڇُڪَ نہ رَهي

خوابَ ڏِسَڻُ پڻ ڏوھُ بڻيو اَڄُ جي دُنِيا ۾
ھَر ھِڪُ ڪَچِڙو سُپِنو ڪُھِبو، ڪا چُڪَ نہ رَھي

ھارَ جيتَ چا ! سوچَڻُ مُنھِنجي فِطرَتَ ناھي
داءُ وَڏو ھِڪُ آخِر ھَٽِبو، ڪا چُڪَ نہ رَھي

پاڪُ مُحَبّتَ ھُنَ جي، پيارُ اَسانجو پوچا
ھوريان ھوريان ھُن کي چُھِبو، ڪا چُڪَ نہ رَھي

ڪَپِڙي ڦاٽَلَ جو مونکي ڏَپُ ويڙھي ويو آ
نئين لَٽي کي ٽوپو ھَٽِبو، ڪا چُڪَ نہ رَھي

## 65

اَڄُ تورو ويھي تَڪُ پَڄبو وَڻَ ھيٺان
ڪو جھونُو ھُنَ جو خَط پَڙھبو وَڻَ ھيٺان

ڇانوَ ھَٿَن ۾ ڪانَ اَچي ٿي عَرصي ڪان
ڪو ڇانوِرو ڳولھي ڪَڍبو وَڻَ ھيٺان

ريتِ تَتَل تي ڊوڙِي ڊوڙِي ٿَڪجي پِيُس
ھِڪَ پيري ئي بيِٺو ھُجبو وَڻَ ھيٺان

ڪو ڪَڙِڪو ڊيڄاري نہ وِڃھي، تَرسُ ذَرا
سَناٽي ۾ ھُن سان مِلبو وَڻَ ھيٺان

پيارَ اَسانجي جو شاھِدُ آ چَندُ، پَرين
ھوريان تُنھنجو نالو وَٽبو وَڻَ ھيٺان

دِل جي ساوَڪَ لُڙِڪ ساڻُ وَھي ويندي
ھوريان ھوريان سُڏِڪو پَربو وَڻَ ھيٺان

ڳُم ٿيو ھو ويسھُ ڪنھن مَندر، مَسجِدِ وَٽِ
قُربُ، ڪَرامتَ! جيئرو رَھبو وَڻَ ھيٺان

ڪا تہ تَمّنا ايندڙ جَنمَنِ ۾ بہِ رَهي
هڪڙو سُپنو پوُري ٿِڏبو وَڻَ هيٺان

رات اَسان سان گهاري ڪا شَل پرِين ڪَڏهن
آس اِنهيءَ ۾ وينو لُڇبو وَڻَ هيٺان

## 66

خوشيءَ کي ڪيان سَڏُ اَچي ٿي اُداسي
بِنا ڪوٺَ ئي گهَر ٽِڪي ٿي اُداسي

گهٽان ئي ڪَشالا ڪَيا مون بہ آهن
ڪڏهن ڪِينَ تَنها ڇڏي ٿي اُداسي

ڪَڏهن تون، ڪَڏهن ياد تُنهنجي رَهي سانُ
ڪَٽان نانءُ تُنهِنجو ڏِجي ٿي اُداسي

لَڳي پالتوُ ڪَنهن ٻِليءَ جيان اُداسي
ڏِڪي ڪَڏُ، وَري گهَرِ گهڙي ٿِي اُداسي

ڪٽي اَڪِ ڏِسان روزُ آڪاشَ ڏي ٿو
پَرِي ڪا لَهي پر، لَهي ٿِي اُداسي

پِرين پَريَرو ٿا وَٺَن جاءِ هَردَم
اَچِي پَر ۾ ويهي رَهي ٿِي اُداسي

جَڏهن مُنهِنجي گهَر تون اَچين پيرُ پائي
وڃي ڪَنڊ ڪَنهِن ۾ لِڪي ٿِي اُداسي

ڪَڏين پيرُ ٻاهر اَڱڻَ مُنهِنجي مان مَسَ
دَرِي دَر مان ڏُوڪي اَچي ٿِي اُداسِي

اُداسيءَ ۾ پڻ آ تَصّور پرينءَ جو
ڪَڏهن دِلرُبا جيان وَٽي ٿِي اُداسي

ڪَڏهن بَند گهَرَ جو ڪَيان ڪِينَ دَرُ مان
اَچي ٿِي اُداسِي، وَڃي ٿِي اُداسِي

اَچا يادِ آهي پرينءَ جي چُمَڻَ جي
پرينءَ جيان لَبَن سان چُمي ٿِي اُداسِي

غزل ناهي موُن وَٽِ، پرين ناهي موُن وَٽِ
پَري مونکي ياڪُر رُئي ٿِي اُداسِي

پرين ياد آيو جڏهن مونکي هوريان
هَٿَن ۾ ڏَئِي هَٿُ ڇُهي ٿِي اُداسِي

پَکيُن ڪان پُڇان مان، وَٽِن ڪان پُڇان مان
پرينءَ سان مِلڻَ لِءِ لُڇي ٿِي اُداسِي

اَڪيلو مان جيئَرو ، مَرَڻ ڪان بہ بَدتَر
هِيانءُ مُنهِنجو ڏاري ڇَڏي ٿِي اُداسِي

پيارُ ڪَرڻ ۾ ڪنهن کي سارڻ آ جوڻ

آهَ ڀَرڻ ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ آ جوڻ

پيارَ مُحبّت جو هيءُ جادو سمجهُه ذَرا

پاڻُ وڃائي خود کي پائڻ آ جوڻ

روزُ ننگا تي ڪپڙا پايون عرصي کان

قطرو قطرو پاڻُ سُڃاڻَڻُ آ جوڻ

مون پڻ اُميدون کي پوري رکيون هُيون

وقتُ پَوَڻ تي سي پڻ کوَڻ آ جوڻ

ڄَمي ويو آ سينوَرُ اکڙين ۾ مُنهنجي

هر ذرڙي تي ساوَڪ سوچڻ آ جوڻ

راندِ لَڳي تي چؤسَر جي هيءُ عُمر سَڄي

خود تي يا ڀَڳوَنَ تي ياڙَڻ آ جوڻ

مَتان ڪَڏهن ڪو ٻُورُ جهَلي سُپنَن جو وَڻ

ڪيئن چوان؟ سارا ٻَجَ پو ڪڻ آ جوڻ

ٿانُ ڪُلي پيو تُنهنجِيُن يادُن جو مَن ۾

ڇُهي اَدَبَ سان هِڪ هِڪ ويڙهڻ آ جوڻ

## 68

کَلهہ سُپني ۾ ياءُ ڏِٺو آ، ڳوٺ هَلوُن
بابو مُنهنجو خوبُ رُنو آ، ڳوٺ هَلون

پيارُ ڪَيو هو ڪَنهِن، ڪَنهن سان ڪيرُ ٻُڌائي
هيِرَ رُني، رانجهو رُٺو آ، ڳوٺ هَلون

ويسَ وڳا مون نَوان نَوان پاتا آهن
ليڙوُن ليڙوُن روحُ ٿِيو آ، ڳوٺ هَلون

ذَهَنُ وِڪيو آ، خوابَ وِڪيا موُن شَهر اَندَر
ڪائي ويو دل کي ڦُرِٽو آ، ڳوٺ هَلون

پِپُر اَجا ٻاهوُن ڦَهلائي بيِٺو آ
شَهر سَڄو جهيڙو جهَڳڙو آ، ڳوٺ هَلون

يارَ هَلي آ، چَندُ سَڏي ٿو راتِ سَڄِي
سانجهيءَ ٽاڻي سِجُ لَٿو آ، ڳوٺ هَلون

گهَڙو مَٿي تي، پياسَ اَکيُنِ ۾ ڏاڍي ٿَسِ
ڦُڙو ڦُڙو ٿي سمُند سُڪو آ، ڳوٺ هَلون

رَکي ڏِئو تُلسيءَ تي، گُم سُم بيٺي آ
ٽِيو پَر پايَل جو ڇِمڪو آ، ڳوٺ هَلون

شاهُ سَچَل سِنڌوءَ ڪَپَ تي ڳائي پيو ڪو
مَنَ مَندَر ۾ گهِنڊُ وڳو آ، ڳوٺ هَلون

سُڪِي وَئِي گَنگا، سُڪي وَئِي جَمنا، پر
سِنڌُو جَلُ ڏِسُ ڪونَ سُڪو آ، ڳوٺ هَلون

ڪَنهِن تَہ سَڏِيو هوندو مونکي هوريان هوريان
ڪَن تائين پَهُتو پُٽڪو آ، ڳوٺ هَلون

سَڀُ ڪُجهُ وِسري ويو آ يادِ ڪَيان ڇا ڇا!
هِڪُ ڇَهِرو ڌُنڌلو ڌُنڌلو آ، ڳوٺ هَلون

اَمان اَڇا اوسيڙي ۾ بيبوءَ جِي آ
بابو اڪِ پائي ويٺو آ، ڳوٺ هَلون

گهَرَ جي چانئُٺِ تي جو ڳي آيا هوندا
وَري وَڳو ڪو تنبورو آ، ڳوٺ هَلون

## 69

زِندَگيءَ سان مِلون سُنو لَڳَندو

پاڻُ پَرکي وَنون سُنو لَڳَندو

چَنڊ تي رَهندو آ، ٻُڌو آ مون

ڪنهِن پَکيءَ کان پُڇون سُنو لَڳَندو

تون ٻہ اُس وِڪڻي گهَر اِچ جَلدي

شامَ جو گڏُ وِهون سُنو لَڳَندو

ڪو ٻہ واٽهَڙوُ پَل اَچي نہ اَچي

ديِپُ ٻاري رَکون سُنو لَڳَندو

هَڙ نہ حاصِلُ ٿِئي تَڏهن ٻہ پرِين

ڪا پرولي پَچون سُنو لَڳَندو

ڳالهہ مَنزِل جي تون نہ ڪَر مونسان

گَڏجي هِڪَ وِکَ کَڻُون سُنو لَڳَندو

اَڄُ پرِين سَچُ چَوان اُداس آ مَنُ

شيامُ، حاسِدُ پَڙهون سُنو لَڳَندو

وِرتَ، اُپواسَ تو رَکيا ليڪِن

تورو ويسهُ رَکون سُنو لَڳَندو

آءُ اوري اَجا، اَجا اوري
پائي پاڪُر رُئون سُنو لڳَندو
زِندَگيِ ٿي حِجابَ ۾ گُذري
ٻارَ ٻَڏجيِ پَئون سُنو لڳَندو
مُون اَلائي خوشيِ وِجائيِ ڪِٿي
ڦارَ پائي ڏِسُون سُنو لڳَندو
بَندَگيِ تُون پرِين، عِبادَتَ تُون
تُنهِنجي پوُڄا ڪَيُون سُنو لڳَندو
تُنهِنجي هٿ ۾ بہِ گُلُ آ مُنهِنجي پڻ
هارُ گڏجي پُئُون سُنو لڳَندو
اُڄّ اُلفَتَ جي آ اَندَر ۾ اَجا
ڪو سُڪَلُ گُل چُمُون سُنو لڳَندو
پَؤ وڪوڙي ويو زَماني کي
ويهُ پَر ۾ ڪنگهُون سُنو لڳَندو
آهِين چُپ چاپ توُن ۽ ماٺِ اَسان
ٿوري پُڻ پُڻ ڪَيُون سُنو لڳَندو

## 70

سوچيان ٿو ڪَنهن تي ڏوهُ مَڙهيان آخِر مان
خود کي، پيڳُوَنَ کي گارِ ڏِيان آخِر مان

هرڪو مَڙهُ مُنهِنجو مَڙهُ آهي، پاسي ٿو
ڪَنهِن تي ڪَنهِن تي چَئو يارَ رُئان آخِر مان

هُن جي جوُڙي ۾ قوُلَ سَجايا. سوچيُم
هر گُل ۾ هوءَ آ. ڪيئن چنان آخِر مان

تون مُنهنجو آهين، تَرسُ ذَرا. سوچَڻُ ڏي
ڊِڄَندي ڊِڄَندي پيرُ وَڌايان آخِر مان

هَرَ ڪُندَ ڏِٺي دُنيا ۾ اوندَهِ آهي
ڪَهِڙيءَ پِتِ تي هِڪُ ڏِئو رَکان آخِر مان

وَرهيَہ لَنگهي ويا سَناٽي ۾ ويٺو آ
ڪِئن چَپَ چوري ڪا ڳالھ ڇوان آخِر مان

وقتُ ڦُري ويو مُنهِنجي هَٿَ مان سيسا پِڻ
ڪَنهِن تي ڪَهِڙو وِشواسُ رَکان آخِر مان

ڪو جِئرو مِلَندو موئَنَ جي دَڙي ۾ اَڄُ
آسَ اِنھيءَ ۾ ٿو ساھُ ڪَٽان آخر مان

مؤتَ اَدا، ڪِئَن توسان ياڪُر پايان مان
ٿورو ٿورو ٿو روزُ مَران آخر مان

خوشبوُ گُلَ جيِ، ڪَچڙو سُپنو اِندلَٺ آ
ھِڪُ پيرو ھُنَ کي ڇُھي ڏِسان آخر مان

اَمان جي چادر لِيڙُون لِيڙُون ٿيِ پَئي
روزُ راتِ جو ٿو سيءُ ڏَڪان آخر مان

ھَر ڪُندَ اَندَر ڪوريئڙي ڄارُ وِڇايو
ڪِئن پرِين لِڪَ ڇِپَ راندِ ڪيان آخر مان

## 71

سوچي سَمجهي تون اُڇلج پٿرُ گوڙُ نہ ٿي
هِڪڙيءَ گهِٽيءَ ۾ تُنهِنجو مُنهِنجو گهَر گوڙُ نہ ٿي

وِرتُ خَتَم ڪَر چَندُ ڪِڙيو ٿئي اَرڳُ ڏي تون
چاڙهي ٿي ! ٻُک تي آ سڄو شهر گوڙُ نہ ٿي

پيارُ عِبادَتَ، قُربُ عِبادَتَ چاڙهان ٿو مان
تُنهِنجي دِل مَندَر، کولي رَکُ دَر گوڙُ نہ ٿي

صحيح غلط جو فَرقُ ڪَرَڻُ مُشڪِل آهي هِتِ
تون مُنهِنجو، مان تُنهِنجو ڪٿُون بدر گوڙُ نہ ٿي

مو ڳو ٻاپوُ بيٺو آهي سرحَدَ تي ڏِسُ
سانجهيءَ ٽاڻي ٿئي ٿو آبوُير گوڙُ نہ ٿي

هَنجَ ڪَٽي خاموشي ڪيسِين تائين ڍوئي
ٿوري پُڻ پُڻ جي ٿو ڪَري اکر گوڙُ نہ ٿي

ڳُگدام بَٽيو ويٺو هُجِ، ٻِڙڪَ نہ ٻاهِر ڪَڍُ
لفظُ لفظُ تُنهِنجو آهي خَنجَر گوڙُ نہ ٿي

## 72

گَفتگو خود سان ڪَيان ۽ چُپ رَهان
ٿورڙو سُڌڪي پَوان ۽ چُپ رَهان

چَندڊ سِج پِڻ چَپ سِبيِ نِڪري ويا
مان ٻِ پنهنجا لَب سِبان ۽ چُپ رَهان

قتل ور ور روڊ تي ٿيندو رهيو
بس دري ڪولي ڏِسان ۽ چُپ رَهان

بي خوديءَ ۾ هن جي چائُنٽ تي اَچي
ٿورڙي اُلفت گهُران ۽ چُپ رَهان

گڏ گُذاريل ڪي گهڙيون ميرانجهڙيون
سُڌڪي سُڌڪي پيو ڇُهان ۽ چُپ رَهان

اَڪ لَڳي مَس، پيءُ وڪوڙي ٿو وڃي
نِندَ مان ڇرڪي اُٿان ۽ چُپ رَهان

## 73

ذهن مان سَڀُ ڍِڪي ڪَڍِي ڏِسجي
پاڻ سان ٿورڙو مِلِي ڏِسجي

آ ملاقات مؤتَ سان هر دم
ذائقو تنهنجو زِندگي ڏِسجي

عَرصي ڪان لڳ سڀ تَتَل ٿا لڳن
زندگيءَ جو نِرڙُ ڇُهي ڏِسجي

پائي ريڙهيوُن ڇُران پُران پيو ٿو
وقت جي تنگَ هِڪَ ڀَڃِي ڏِسجي

آهي بُوساٽَ دِل اَندر ڏاڍي
ذهن جي ڪولي ڪا دَري ڏِسجي

سُهڻيءَ وانگر ڪَچي گهڙي تي ئي
زِندگيءَ جي نَدي تَري ڏِسجي

چيچَ منهنجي جهَلي هَٿن پَنهنجي
وقت ڪان ڪا گهَڙي گهُري ڏِسجي

## 74

راهہ روڪي بِھي جي هَلان ٿورِڙو
زِندگي مَھِٽا ڏِئي جي وِھان ٿورِڙو

بَند اَکڙيون پَسان چَندُ ڪِئن مان پِرين
آ تمّنا اِها مان چُھان ٿورِڙو

مون وچايو اَلائي تہ ڇا ڇا حَياتِ
شامَ جي وَقتِ ويھي رُئان ٿورِڙو

فَنُ، هِمتَ، جنگ ناهي جِئڻ جو شعور
زِندَگي ڏي اِجازَت مَران ٿورِڙو

فَنُ مِلي ۽ مُحبّت ملي پارِ جَنھِن
هَٿُ جهَلي پارِ اُن هل، جِيان ٿورِڙو

هَر گهَڙيءَ زهر پِيتو مگر ڏُڪ اَڃا
آ بچيو، ساھُ تَنھِن لاءِ کٽان ٿورِڙو

ڇو نٿو گفتگوءَ کان اَچان باز مان
خود ڇَوان، پو پَڙاڏو ٻُڌان ٿورِڙو

سِجَ لَٿي بَند ٿِيندو سَڀ ڪاربار
تَرسُ تون ڪُجهُه ڏِيان ڪُجهُه وَنان ٿورِڙو

وَڻُ اجازت ڏِئي ڪي گهڙيون ڇانوَ ۾
ساهُه کِن پَر پَٽيان، پو رڙهان ٿورِڙو

راندِ لِڪَ ڇِپَ ڪئي پِي اَسان ڇوجَ مان
ڪَنهِن اَچي ڊاهيو ٽِڻُ جي پَڇان ٿورِڙو

ناهي مَندر اَندر، ناهي مَسجدِ اَندر
جِتِ پِرين پير پاڇا، جهُڪان ٿورِڙو

## 75

يادِ جا سَڀ گُلابَ ڪَم ايندَءِ
گَڏ گُذاريل ثَوابَ ڪَم ايندَءِ

پيارَ جو سَچُ سَدا رَهي نَہ رَهي
هر ڏڪئي وقت خوابَ ڪَم ايندَءِ

پنهنجي لُڙڪن سان جي لِکيا تو مون
مَهل بي مهل بابَ ڪَم ايندَءِ

بي سبب جي چڏي ڏِنا تو پڙهڻُ
اَڌ پڙهيلَ سي ڪِتابَ ڪَم ايندَءِ

سوچي سَمجهي ڪَجان سوال پرين
زِندگيءَ جا جَوابَ ڪَم ايندَءِ

ڀَروَسو تون نہ ڪر خوشيءَ تي گهَڻو
مؤت تائين عذابَ ڪَم ايندَءِ

## 76

جَڏهن زندگيءَ سان مِلان ڌَپُ ٿِئي
ذَرا آئِيني ۾ ڏِسان ڌَپُ ٿِئي

حَقيقت ڪَسيو آ اَسانجو سُڪُون
ڪڏهن خوابَ ۾ سَچُ پَسان ڌَپُ ٿِئي

هَوائون اَسان ڪان خَفا ٿيون رهن
ڏِئو پِٽِ تي ٻاري رَکان ڌَپُ ٿِئي

لکِاوَٽِ نہ مُنهنجي وَٽي ڪو پَڙهي
جڏهن نانءُ هُن جو لکان ڌَپُ ٿِئي

سِتارا نہَ مُنهنجا، نہ سِجُ مُنهِنجو آ
اڌارو اُجالو وٺان ڌَپُ ٿِئي

ڪِوِڙ پيي ڪڄي رات ساري هِتي
وَڃي هيٺان وَڻ جي وهان ڌَپُ ٿِئي

وٺي آهي ويسَر وَڏي، ڇا ڪجي
سنڀالي شَيُون کي رَکان ڌَپُ ٿِئي

مَتان خوابُ اَڪِ ۾ ڪو جيئرو رَهي
ڪٽي ڪاتُ ور ور ڪُهان ڏَپُ ٿِئي

ڪَڏهن ڪانہ پوري ٿِئي گُفتگو
پَڙاڏو مان پنهنجو ٻُڌان ڏَپُ ٿِئي

پُراڻو لَٿو ساتُ شَل هيءُ ڏِئي
سُئي آ، سَڳو آ، سِبان ڏَپُ ٿِئي

اَڪيلو ڏِجان، بَزمَ ۾ پڻ ڏَڪان
وڃي ڪنڊ ڪهِڙيءَ لِڪان ڏَپُ ٿِئي

مَتان مُنهنجو ميهَر اِرادو مَٽي
ڪَچي ڪَنهن گهَڙي تي تَران ڏَپُ ٿِئي

## 77

اُس کي مُٺ ۾ جهَلجي جيڪر
ٽورو سِڄ سان وِڙهجي جيڪر

روز شام جو وچڙي وڃي ٿو
هُن وَٽِ رات کا ٽِڪجي جيڪر

روز صبح جو ننڊ ڦٽائي
ڪِڙڪي ڪولي رکجي جيڪر

اڃا سندس آڱر هٿ ۾ آ
شاهَ کي وَر وَر پَڙهجي جيڪر

پياس ذرا موَٽِائي ڏي تون
خالي مٽڪو ڀرجي جيڪر

تون پڻ مونکي ڪونہ سُڃاڻين
هڪ آڪاڻي ڪٽجي جيڪر

اُميدون، يادون، سُپنا سَڀُ
ٻوجهُ اِهو ڪِٿ سَٽِجي جيڪر

خود کي هَرائي خوشي مِلي
داؤ نَئون ڪو هَٽِجي جيڪر

ڪَنهِن چورايو ويسهُ جڳ مان
ڪَنهِن جو ڳيءَ ڪان پُڇِجي جيڪر

مان بہِ قلندر بڻجي پوندس
پَڇَر پرينءَ جي ڇَڏِجي جيڪر

برپٽ جي واريءَ ۾ موتي
هوندو، ڳولهي ڪَڍِجي جيڪر

چُرپُر دل ۾ ڏاڍي آهي
بيهوشيءَ ۾ رَهِجي جيڪر

هن جي خوشبوءَ جي چاندوڪي
اَکِ ۾ سوگهي رَکجي جيڪر

هٿ هٿ ۾، خاموشي آهي
مُٺ ڀِڪوڙي ڏِسِجي جيڪر

ڇَڏي ويا مونکي مُئل مَجي
هاڻي سُرجي پُرجي جيڪر

ٽيڙيون ميڙيون ناهي ليڪون
نَئِين عِبارتَ لَکِجي جيڪر

لِيڙون لِيڙون وَرِثي ڪي پِڻ
سُئي سَڳي سان سِبجي جيڪر

نڳي ڪري ٿو هرڪو مون سان
هاڻي خود ڪي نِڳجي جيڪر

سُپنن جي سرحد تي تون مان
گڏجون، موقعو ٻَڌجي جيڪر

چَنڊُ ڪٽي ويو مُنهنجو ڇو هُوُ
ڏوهُه خدا تي مَڙهجي جيڪر

وعدو پَنهِنجو، قؤلُ ڀِ پَنهنجو
وعدي تان ڪُجهُه ڦِرجي جيڪر

گل ڪٽي ويا رقيب سارا
مُڪڙي ڪا هِڪَ ڇِنجي جيڪر

چِٽڪ لَڳي آ عَرصي ڪان پو
سَڀ ڪُجهُه ساڙي ڇَڏِجي جيڪر

سَڪٽو سُپنو نينهَن جو مون وَٽِ
بازارِ وَڃي رَکِجي جيڪر

## 78

خود کي جيئرو رکندو آهيان

پرم اِنهيءَ ۾ جئندو آهيان

روز صبح جو اُميدن سان

احساسِ کٽي اُٿندو آهيان

شرط پُڄائي خود سان ۽ پو

خود هارائي کٿندو آهيان

گهاءُ چُٽي ويو خارَسِ باقي

رَکي رَکي پيو کنهندو آهيان

جنهن آکاڻيءَ ۾ هوُ کردار

سا آکاڻي کَٽَندو آهيان

قوٰل کري جي کِين نِڀائي

گهَر جا برتڻَ پَچندو آهيان

کَنهِن تاريخي کندهر وانگر

پَل پَل پَچندو پُرندو آهيان

مشهوريءَ جي مينارَن تي

تنها بيِٺو لُچندو آهيان

# 79

ماں خوابَ ۾ڳل سَپ سُکڻ وِجهان اُسَ نِکري
کِئن ساںڍي هيءَ آلاڻ رَکان اُسَ نِکري

رات سَڄي اوسيڙي ۾ ويٺو آهيان
شايد سُهڻو کو خواب ڏِسان اُسَ نِکري

اوندَهہ ۾ پڻ کو رستو ڳولهي وٺبو
اُن سان ليکن ماں جڏهن مِلان اُسَ نِکري

کيڏو رستو اوندهہ ۾ طئہ ٿي ويو آ
جيوَن جو بڻ ٻٽيادُ ٻٽان اُسَ نِکري

سرحد جي ٻِنهي طرف آ اوندَهہ ڏاڍي
ٻُٽکو ٻاپوءَ جو ذرا ٻڌان اُسَ نِکري

## 80

ڪِنجهي وقت سارو گهَڙي تي ڪِنجهي
سَڄو سال هر ڪا صَدي تي ڪِنجهي
اَلائي ستارا هي سِج چَنڊ چو
سين ڪان سڄي روشني تي ڪِنجهي
هَلي هيرَ مَن ڪي نہ تَہ ٻہِ آ سُڪُون
ٽِڙيَل اَڻ ٽِڙيَل گُل ڪَلي تي ڪِنجهي
بنا موڪلائي وڃي پيار ٿو
پُٺيان بيوسي بيڪَسي تي ڪِنجهي
هٿن مان ڇڏائي هليو هٿ ويو
وَزن قافِيو شاعِري تي ڪِنجهي
سَڄي رات ٻالڪ ڪِنجهي پيو ڪِنجهي
پيئاري دَوا سا سُتي تي ڪِنجهي
ٻِنهي پائُرن ڪي نہ آٿَتُ مِليو
ڪَنجهي سنڌو گنگا نَدي تي ڪِنجهي
تي ڄمَندي ڪِنجهي ۽ ڪِنجهي مؤتَ وَقت
ڪَجي ڇا ! سَڄي زِندگي تي ڪِنجهي

## 81

ڊَپُ اَندرَ جو ڪڍهن پڻ لَهي ڪِينَ ٿو
ماٺِ ۾ گوڙَ ۾ پئؤ ڇَڏي ڪِينَ ٿو

مان سُتي بيڪَسيءَ جي آ پيِتي گهَٽي
پيارُ اُلفَتَ وَفا ڪُجهُ وَٽي ڪِينَ ٿو

پر ۾ انبرِتُ رَڪيلُ اُڄ ڏاڍي اَندر
هَٿُ وَڌايان ذرا پَر پُڄي ڪِينَ ٿو

زِندَگيءَ سان مُلاقاتَ ٿيندي ڪِٿي
ماٺِ ۽ صَبُرَ سان هوُ وِهي ڪِينَ ٿو

قرضُ ڏاڍو چَڙهيو ڪئن چَڙهيو وَقتَ جو
ڪا گهَڙي هوُ اُڌاري وَٺي ڪِينَ ٿو

خواب اُس ۾ سُڪا مينهُن ناهي وَسيو
ڪَهِڙي آلاڻِ ٿَنِ کو گهُري ڪِينَ ٿو

## 82

آنءُ نِرواڻُ مُڪتي وَني چا ڪَندُس
غَمَ سَمورا ڏَئي هڪ خوشي چا ڪَندُس

ڪينَ آيو نظر جي انڌيرن ۾ هوُ
چَندُ سِج ڪان گهُري روشني چا ڪَندُس

بي گناهي ڪري ڪين ثابت سَگهان
قيد مان پو رِهائي گهُري چا ڪَندُس

مُنهنجي ڪاغذ جي ڪشتي تَري ڪينَ ٿي
وڏڦُڙي مينهَن پويان ڍُڪي چا ڪَندُس

قتل هن جي عِنايت سان ٿيندو رهيس
ڪائي تَلوار ڪائي ڇُري چا ڪَندُس

هو نظرِ ڪين آيو اَجا خوابَ ۾
ننڊ گهِري يا ڪَچڙي اُٺي چا ڪَندُس

ليِڙوو ليِڙون لَٽو روزُ ڦاٽي پَوي
وقتُ ڳاري سِبان پر سِبي چا ڪَندُس

ڪا وَسي ها تَتَل ريتِ تي بوند هڪَ
بوڏِ آٽي ڇَڏي سا نَدي چا ڪَندُس

## 83

توسان اوپر اولهہُ هَلِبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ
هِڪُ هِڪُ ماڻهو پَرڪي ڏِسِبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ

گهُنجُ نہ پَئجي ڪَنهِن ڪوري سُپني تي ڪو
پَنهِنجي هٿ سان ويڙهي رَکبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ

پَربتُ پَنهِنجي جاءِ ڇَڏي هَلَندو مون سان
ڪَٽي ڪَٽي ڪان پَهرين پُڇبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ

بِنا پُڇڻ جي بوند بہِ پيئڻو ناهي جَل
نَديءَ ڪناري پياسو رَهِبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ

ويڙهہِ هَلي تي مُنهِنجي مَنَ سان عرصي ڪان
ساري دنيا سان پڻ وِڙهبو تَڪَڙ نہ ڪَرِ

# 84

تون بہ چَريو پَکَ بَڌِجي پَوندين اَڄُ نہ سُياڻي
ڏوھ بنا ئي ڏوھي سَڏبين اَڄُ نہ سُياڻي
ڪا بہ تمنا پوري ڪانہ ٿئي ٿي ليڪن
ڪي اُميدون پوري رڪندين اَڄُ نہ سُياڻي
چَندُ لَھيَ آيو گھَر مُنھِنجي تون بہ ھلي آ
ڪيسين خود کي روڪي رڪندين اَڄُ نہ سُياڻي
خرچ ڪيو ٿئي شيشي جي محل مٿان ڪيڏو
پَنھِنجي ھٿ سان پٿر ھڻندين اَڄُ نہ سُياڻي
سُڪي ويو پاڻي گنگا جمنا زَم زَم جو
آلي اَکِ سان ڳولھي لَھَندين اَڄُ نہ سُياڻي
آنءُ ٻڌان پيو پُٽڪو سنڌوءَ جي چولين ۾
پَنھِنجي ڌرتيءَ ڏي تون وَرَندين اَڄُ نہ سُياڻي
ريتِ تَتَل تي ئي ويھي رھ واٽھڙو تون
ھلندي ھلندي ڪڪ تي پوندين اَڄُ نہ سُياڻي
خوابُ حقيقتَ ٿيرُ نَظرَ جو ٻيو ناھي ڪجھ
دوکو کائي سِکندين اَڄُ نہ سُياڻي

## 85

لَفظُ چَوڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي
لفظ ٻُڌڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

هاڻي اوندهہ ختم نہ ٿيندي
سج اُڀرڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

سُرهاڻ وَئي گُم ٿي ڪاڏي
گهَر مَهڪڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

پياسو آيو پياسو آ هوُ
ڏُڪ پيئڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

وِرلي برپٽ ۾ مينهُن وَسي
ڪَڪَر وسڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

منزل سامهون پئي ۾ آهيان
پيرُ چُرڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

هوُ ٻِن ساهَن جي وِچَ ۾ آ
ساهُ ڪٽڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

هَلُ بَرپَٽ ڪي پاڪُر پايون
سَمُنڊ چُلڻَ ڪان رَهِجي نہ وَجي

هوُ ٿاندَن جو وارِث آهي
ڦوُڪَ هَڻڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

ملم هٿون پر ٿورو ترسو
گهاءُ ڪُرڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

هر ڪنهن کي ماڻهو ٿاهيو ڪو
روزُ مرڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

سيني جون ٿوپيون لاهيوء ڪو
ٻوجهُ ڪٽڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

ڪي انبڙيوُن وڻ تي رَهڻُ ڏجن
اَنبُ رسڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

شام ٿيڻ تي گهَر موَٽِي اَچُ
سِجُ لَهڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

آڪاس ورهايوء پر سوچيو
پَکي اُڏڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

پل نہ ٻُڌو چيخوُن اُن جونء پر
هو سڏڪڻَ ڪان رَهِجي نہ وَڃي

## 86

زندگيءَ سان گذارڻو آهي
مؤت سان پڻ نيائڻو آهي

ڪُوڙ ڪي آنءُ آهي ڪيڪاريو
ساهُ سَچَ تي بہِ هارڻو آهي

راز توسان نہ جي، سَليان ڪنهن سان؟
جيڪو توڪان لِڪائڻو آهي

لُڙڪ ڳڙندڙ اکين جا ڪِئن روڪيان
مونکي خود کي کِلائڻو آهي

چاندني تون اچي ٻُهارِ اَڱڻُ
چَندَ کي گهر گهرائڻو آهي

سِڄُ نِڪتو تہَ پَڪ لَهي ويندو
پيار پائي وڃائڻو آهي

ڄاڻان ٿو ڪينَ آ سُڪون ڪِٿي
روحُ رولي رُلائڻو آهي

ڪوڙ سان پڻ ڪٽي ڪبو نيبھُ
ڪوڙُ سَچ کي ٻُڏائڻو آهي

سوچَ مان ڪُجھ وَري، وَري نہ وَري
ذَهن ڪَم تي لڳائڻو آهي

چَنڊ، سِجُ، تارا سَڀُ اُجالو پر
هِڪُ ڏِئو پنهنجو ٻارڻو آهي

اَڄُ وري خيال اُن جو آيو آ
ڪنهن بَهاني سان ٽارڻو آهي

## 87

هُن سان جڏهِن بہ مِلبو وَڻَ وَٽِ
ٿورو سُڏِڪي پَئبو وَڻَ وَٽِ

شايَد وَقتُ وَرائي پاسا
ساهُ گهَڙيون ڪي پَٽبو وَڻَ وَٽِ

سِجُ ٻُولهِيندو مونکي نہ اَچي
اوندهِ ذررو رکبو وَڻَ وَٽِ

شايَد ويسهُ مِلي وجي اُتِ
آوازُ ڏَئي ڏِسبو وَڻَ وَٽِ

رِشي مُني ڪو وينو هوندو
هوريان هوريان هَلبو وَڻَ وَٽِ

## 88

نظارا سَمورا ڏِسان ٿو دَريءَ مان
ڪڏهن ڪين ڪُجھ پڻ ڪُڇان ٿو دَريءَ مان

مان خود ڪان ڊِڄان ۽ دُنيا ڪان ڊِڄان پڻ
اَچي دوستُ ڪو جي مِلان ٿو دَريءَ مان

حَياتي سَموري تہ بُزدل رَهيُس مان
ڪڏهن ڪي ٻَٽاڪون هَڻان ٿو دَريءَ مان

لنگهي لاشُ رستي تان ڪنهنجو وَري ٿو
ٽِمن نيڻَ پَر گُلَ وِڇھان ٿو دَريءَ مان

ٻُڌان ڪَڙڪو دَرَ تي، نَہ دَرُ آنءُ کوليان
رُڳو 'ڪيرُ آهي؟' پُڇان ٿو دَريءَ مان

مَتان نِندَ ۾ تُنهنجي رُخنو پَوي ڪو
اَچان ٿو دَريءَ مان وَڃان ٿو دَريءَ مان

سِتارن، نَہ سِجَ چندَ روشن ڪيو مَنُ
سَڄي دُنيا هَٿَ سان ڇُهان ٿو دَريءَ مان

ٿي جهنڪار ڇَمَ ڇم سُريلي اڱڻَ ۾
لِڪي تورڙي مان ٻُڌان ٿو دَريءَ مان
مَٿي تي رکي پيرَ اوندهِ ڀَڄي ٿي

جَڏهن ترِورِو تي گهِران ٿو دَريءَ مان
نہ گونجي فضا ۾ رُئڻُ راڙو منهنجو
مگر ٿورو سُڏڪيِ پَوان ٿو دَريءَ مان

ڏِنو اَرڳُ پنهنجي اَگڻُ ۾ جڏهن هُن
ڪَٽا سوُنهَن جا ڪي پَسان ٿو دَريءَ مان

ڪڏهن ويجهو تنهنجي اَچڻُ ڪونَ چاهيو
گهڻو تو ڪي سُهڻو لڳان ٿو دَريءَ مان

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

